ٻارائو ادب

سنڌ جا سپوت

# ذوالفقار علي ڀٽو

سراج

Gul Hayat Institute

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ٻاراڻو ادب

سنڌ جا سپوت

# ذوالفقار علي ڀٽو

سراج

Gul Hayat Institute

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ڇپائيندڙ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو
(حق ۽ واسطا محفوظ)
ڇاپو پهريون ١٩٩٠
تعداد ٥٠٠٠
قيمت ١٠٠ - رپيا

**Personalities of Sindh**
Published by : Deparument of Culture and Tourism
Government of Sind
Printed by : Azad Communications Karachi.

هي ڪتاب مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي
پاران پڌرو ڪيو ۽ آفتاب ابڙي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪلچر (پبليڪيشنس)
جي نگرانيءَ هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي ڇپيو.

ملڻ جو هنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلچر (پبليڪيشنس)
جناح ڪورٽس، ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ ڪراچي.
فون - 513334

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

هن وقت تائين ٻارائي ادب تي ايترو توجهه نه ڏنو ويو آهي، جيترو ڏيڻ کپندو هو. ٻارائو ادب قومي جاڳرتا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. اها هڪ ميچيل حقيقت آهي ته ٻارائي عمر ۾ ڪنهن شيءِ کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت، وڏي عمر وارن جي ڀيٽ ۾ گهڻي هوندي آهي. ان عمر ۾ ئي ٻارن جي پيڙهه پختي ٿيندي آهي.

ٻارائي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي، اسان ٻارن جي تعليمي ۽ ذهني اوسر لاءِ دلچسپ، اصلاحي، مفيد، معلوماتي، تاريخي ۽ ديني ڪتابن شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

معلومات ۽ وندر وارن ڪتابن سان گڏ، اسان جي اها پڻ ڪوشش آهي ته ٻارن کي پنهنجن عظيم سپوتن ۽ انهن جي ڪارنامن کان واقف ڪريون ته جيئن هو اخلاق ۽ ڪردار جي پختگي طرف گامزن ٿي، مستقبل ۾ ڪاميابيون ماڻي سگهن.

ڪتاب، انسان جو بهترين دوست آهي، جيڪو انکي سنئين راهه تي وٺي وڃي ٿو، منجهس اخلاق، سچائي، بهادري ۽ بُري ڀلي سمجهه پيدا ڪري ٿو. ٻارن لاءِ ڪتابن جو اهو تحفو ڏيندي سنڌ ثقافت کاتو گهڻي خوشي محسوس ڪري ٿو. اميد اٿئون ته اسان جي هيءَ نمائي ڪوشش توهان وٽ قبول پوندي.

مهتاب اڪبر راشدي

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# ٻه اکر

جڏهن ادي مهتاب اڪبر راشديءَ مون کي جناب ذوالفقار علي ڀٽي تي، ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ ڪتاب لکڻ لاءِ چيو تہ آءٌ ذهني طرح ٻاڻ کي هڪدم ان لاءِ تيار نہ ڪري سگهيس. ان جا ٻہ سبب هئا- هڪڙو تہ اهو ڪتاب، حڪومت طرفان شايع ٿيڻو هو، ۽ جيڪو ڪتاب حڪومت طرفان ڇپجي، سو هوندي ٿي پنهنجي سنڌ ۾ افاديت وڃائي ويهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان کي حڪومتي پروپيگنڊا جو حصو سمجهي، نظرانداز ڪرڻ هاڻ هڪ معمول ۽ هڪ حد تائين صحيح معمول بڻجي ويو آهي. ٻي ڳالھ تہ مرحوم ڀٽي سان منهنجا ناتا- ١٩٥٦ع کان ١٩٧٩ع تائين- ڪجھ اهڙا رهيا آهن، جو انهن کي بيان ڪرڻ ۾ غيرجانبدار رهڻ ممڪن ڪونهي. هڪڙو ننڍڙو مثال وٺو، آءٌ سنڌ جي ڳالھ ڪندو هوس؛ ۽ هو پاڪستان جي ڳالھ ڪندو هو. ان معنيٰ ۾ آءٌ ننڍو ماڻهو هوس ۽ آهيان، ۽ هو وڏو ماڻهو هو! آءٌ سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالھ ڪندو هوس ۽ هو سنڌ جي غلاميءَ جي سببن جي ڳالھ ڪندو هو. آءٌ هن کي سنڌس حوالي سان سنڌي هجڻ جي جوکم جو ڇتاءُ ڏيندو هوس، ۽ هو مون کي سنڌي هجڻ جي حوالي سان، هن جي ڀيٽ ۾ (Small man of a smaller province) جو ويڻ ڏيندو هو! آءٌ هن سان بي

Gul Hayat Institute

تڪلف يا بي حجاب ٿيڻ جو سوچي به نٿي سگهيس، ۽ هو، مون کي بي حجاب مخاطب ٿي، چئي ڏيندو هو ته

I have Sind without the apostrophe of Napeir!

١٩٥٦ع ۾ جڏهن هو ابراهيم جويي سان، سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملڻ آيو (جڏهن هن (Pakistan- A unitary or a Federal State) جو مسودو ڪيس ڏيکاريو هو.) تڏهن مون کيس چيو هو ته "سائين، سنڌ جي ڳالهه ڪرڻ وڏي جوکم جي ڳالهه آهي!" تڏهن هن چيو ته "سنڌ جي ڳالهه ڪرڻ ۾ جيڪڏهن عقل کي استعمال نه ڪجي ته پوءِ برابر وڏي جوکم جي ڳالهه آهي!"

اهڙن ناتن ڪانپوءِ جڏهن هن مونکي "هلال پاڪستان" ڪراچيءَ مان شايع ڪرڻ لاءِ چيو، تڏهن به هن چيو ته "سراج، سنڌ جي ڳالهه ڪرڻ لاءِ عقل جو جوکم کڻڻ لاءِ تيار آهين يا نه؟"

. هي ماڻهو عجيب ماڻهو هو، جيڪو بحث ۾ هٿي کي بي هٿيار ڪرڻ جو ماهر هو. هي عجيب ماڻهو هو، جيڪو شيخ اياز جهڙي ماڻهو کي، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر مقرر ڪرڻ وقت، فقط اهو سوچيندو رهيو ته هن جي بهاني جيڪڏهن سنڌ جا نوجوان پڙهي پون، ڊگريون حاصل ڪرڻ جا لائق ٿي پون ته مٿس جيڪي الزام ايندا، سي سهسائي وڃڻ وري به فائدي جو سودو ٿيندو! هي عجيب ماڻهو هو، جيڪو "سنڌ صدين کان" واري سيمينار بابت پيار علي الانا کي چوڻ لڳو ته "سيمينار نه به ٿيو ته به تنهنجي نوڪري سلامت



Gul Hayat Institute

نالي سمجهڻ گهرجن. پٽو صاحب انهن کان گهڻو مٿي، گهڻو بي نياز هو. هن کي ياد ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي حوالي سان، ڀٽائيءَ جو هيءُ بيت ياد رکڻ جوڳو آهي تہ

سوري آ سينگار، اصل عاشقن جو!

سراج

٢٣- مارچ ١٩٩٠ع

(هن ڪتاب کي نقل ڪرڻ ۽ ڇپائيءَ لائق بنائڻ لاءِ آءٌ پنهنجي ننڍي ڀيڻ فهميده حسين جو ٿورائتو آهيان- سراج!)

Gul Hayat Institute

# ذوالفقار علي ڀٽو

اڄ اڇو تہ اهڙي شخص بابت اوهان کي ٻڌايان، جنهن جو نالو نہ رڳو اسان جي پنهنجي ملڪ جي تاريخ ۾، هميشہ ڪنهن روشن تاري وانگر، چمڪندو رهندو، پر سموري دنيا جي تاريخ ۾ بہ جڏهن ڪڏهن اسان جي ملڪ جو نالو ايندو، تڏهن ماڻهن کي هو ائين ياد ايندو جيئن يونان جو نالو وٺبو آهي تہ هڪدم "سقراط" جو نالو دماغ ۾ روشنيءَ جي لاٽ ٻنجي ايندو آهي، يا امريڪا جو نالو وٺبو آهي تہ "ابراهيم لنڪن" جو نالو هڪدم ذهن ۾ بجليءَ جي بلب وانگر روشن ٿي ويندو آهي. اوهان کي اها تہ خبر آهي تہ سقراط انسانذات کي ڏاهپ جي ڏات بخشي ڇڏي، ۽ ان ڏاهپ جي عيوض هن کي زهر ڏيئي ماري ڇڏيائون. اڄ هن کي مارڻ وارن جو نالو تاريخ جي ڪنهن ورق تي ڳوليو بہ ڪونہ لڀندو، پر سقراط جو نالو هر پڙهيل توڙي اڻپڙهيل جي زبان تي آهي. اڄ ڪٿي بہ، ڪنهن بہ

Gul Hayat Institute

ملڪ جي، کهڙي بہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾، ڪو ماڻهو ڏاهپ جي ڳالھ ڪندو آهي تہ ٻڌندڙ سوچيندا آهن تہ پهرين، هاڻو هي تہ وڏو ڪو سقراط ٿو ڏسجي! سو سقراط جڻ تہ ڏاهپ جو پيو نالو ٿي ويو آهي، ۽ هن جي نالي جي مهابي ماڻهن کي يونان بہ ياد ايندو آهي.

ساڳي ڳالھ ابراهيم لنڪن جي آهي. اوهان کي ياد آهي تہ ڪيئن نہ آفريڪا جي ڪارن حبشين کي، جن کي اسين سنڌي پيار منجهان "شيدي" بہ چوندا آهيون، يورپ جا، خاص ڪري اسپين ۽ پورچوگال جا ڌاڙا هڻندڙ ڦورو، جن کي "قزاق" بہ چئبو آهي. انهن ويچارن ڪارن بي هشيار ماڻهن کي، گرفتار ڪري، پنهنجي وڏن جهازن ۽ غورابن ۾ چاڙهي اچي آمريڪا جي بازارن ۾ غلامن طور وڪڻندا هئا. اهي ڪارا غلام، آمريڪا جي وڏن جاگيردارن، وڏيرن ۽ سيٺين وٽ ايئن وڪامندا هئا، جيئن پاڻ وٽ سنڌ ۾ وهٽ وڪامندا آهن. آمريڪا جا اهي وڏيرا ۽ سيٺيون، هنن ڪارن انسانن کي بلڪل جانورن وانگر وهائيندا هئا. پاڻ وٽ هر جي پاڃاريءَ ۾ بہ ڍڳا جوٽيل هوندا آهن، پر آمريڪا ۾، ڍڳن ۽ ڏاندن بدران، انهن مظلوم انسانن کي جوٽيندا هئا، ۽ جيڪڏهن هو ڪا سستي ڪندا هئا تہ هنن کي چمڙي جا چابڪ وهائي، سندن کل ۽ چمڙي اُڌيڙي ڇڏيندا هئا! سيٺيون وري هنن کي مشينن ۾ ايئن وهائيندا هئا، جيئن اسان وٽ هرلي ۽ نار ۾ اُٺن کي وهائيندا آهن يا گهاڻي ۾ ڏاندن کي وهائيندا آهن، جن جي اکين تي کوپا چڙهيل هوندا

Gul Hayat Institute

آهن، ۽ مٿن چابڪ يا لڪڻ جو زيبٽ پيو پوندو آهي. انهن ڪارن شيدين جي زالن کي وري ٻانهين طور، گهرن ۾ ڀهاري ڏيڻ کان وٺي ماني تڪي رڌڻ، ڪپڙن ڌوئڻ، مالڪن جي ٻارن کي ڏيئين تي چاڙهي سير ڪرائڻ ۽ سندن گونه مٽ ڌوئڻ تائين، استعمال ڪندا هئا. ان جو اجوروڪين رڳو ايترو ملندو هو ته ڪا ٻچيل سچيل، رکي سکي، ڏبل روٽي، ڪين ڪٽن وانگر اڇلائي ڏيندا هئا. جي اوهين سندن رحم جوڳي مظلوم حالت، آمريڪا جي مشهور ڪتاب "چاچي ٽام جي جهوپڙي" (Uncle Tom's Cabin) ۾ پڙهو ته هوند اوڇنگارون ڏيئي روئي وجهو! سو ڳالهه ٻئي ڪئيسون ابراهيم لنڪن جي؛ جڏهن آمريڪا ۾ انهن وڏيرن ۽ سيٺين جي انهن غلامن جو تعداد مڙئي جججهو ٿي ويو، ۽ سندن حالت، جيئن پوءِ ٽين، جانورن جهڙي ٿيندي وئي، تڏهن آمريڪا ۾ ڪي اهڙا انسان به جاڳيا، جن کان اهو ڏٺو ۽ سٺو نه ٿيو. هنن ٿي چيو؛ "ڀيلي، هي به اسان جهڙا، ماڻهو جهڙا ماڻهو آهن، رنگ ڪارو اٿن ته ڇا ٿيو؟ هنن تي ظلم هاڻ اسان کان ڏٺو نٿو ٿئي! سو هنن وڏيون وڏيون انجمنون ۽ جماعتون ٺاهي، هنن جي حالت سڌارڻ ۽ هنن کي انساني حق وٺي ڏيارڻ جي ڳالهه شروع ڪئي. ڳالهه وڌندي وئي، وڌندي وئي، تان جو هنن ۾ هڪڙو اهڙو شخص پيدا ٿيو، جنهن ٻاڻ سان اهو وچن ڪيو ته ڇا به ٿي پوي، آءٌ هنن کي انسانن جي برابريءَ وارو حق ضرور وٺي ڏيندس. هن جا نالو هو "ابراهيم لنڪن." هو آمريڪا جو صدر بڻيو، ۽

Gul Hayat Institute

پنهنجي اپامڪاريءَ ۾ هن غلاميءَ تي مرڳو ٺپ بندش وجهي ڇڏي. هن حڪم ڪيو تہ "هاڻ ڪو ڪارو هجي يا گورو، سڀ هڪجهڙا انسان آهن، سندن حق بہ هڪ جهڙا ٿيندا، ان ڪري هاڻ ڪارا انسان گورن جا غلام نہ ٿي سگهندا، هو آزاد شهري آهن، ڪائنن غلام طور ڪنهن ڪم ورتو تہ ان کي سزا ملندي!"

وڏيرن ۽ سيٺين ڏٺو تہ مار، هي ابراهيم لنڪن تہ مرڳو ٿو اسان جي مفت ۾ ملندڙ دولت کي ٻهارو ڏي، سو ڇا ڪيائون جو هڪڙي وڏي فوجي ٽولي کي، ڪوڙ ساري رقم ڏنائون تہ ابراهيم لنڪن کي هميشہ لاءِ ماٺ ڪرائي ڇڏين. انهيءَ فوجي ٽولي، باقاعدي رٿابندي ڪري، هڪڙي ڏينهن راتاهو ڏيئي، ابراهيم لنڪن تي گولين جو وسڪارو لائي ڏنو، ۽ ويچارو ابراهيم لنڪن شهيد ٿي ويو! پر، اڄ ڏسو تہ ان شهيد ابراهيم لنڪن جو نالو سڄي دنيا ۾ مشهور آهي، پر سندس قاتلن کي ڪو ياد بہ ڪونہ ٿو ڪري. انسانن جي نفرت هنن کي تاريخ جي ٻنن ۾ هميشہ لاءِ دفن ڪري ڇڏيو آهي، پر انسانن جي محبت ابراهيم لنڪن کي هميشہ لاءِ تاريخ جي ورقن ۾ روشن تاري وانگر جهر مرڪندڙ لاٽ بنائي ڇڏيو آهي!

هاڻ جيڪڏهن اوهين سقراط ۽ ابراهيم لنڪن کي گڏوگڏ تصور ۾ آڻيو تہ هڪڙو ٽئون انسان تاريخ ۾ اڀري ٿو اچي، سو آهي "ذوالفقار علي ڀٽو"!

اڄ ذوالفقار علي ڀٽي جي نالي وڃڻ سان، دنيا ۾ ڪٿي به وڃو ته، سنڌ جو نالو روشن آهي، پاڪستان جو نالو روشن آهي، ايشيا جو نالو روشن آهي!

اوهين دنيا ۾ ڪٿي به سنڌ جو نالو وٺو ته اوهانکي مرحبا ملندي ڇو ته ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جو سپوت هو. اوهين پاڪستان جو نالو وٺو ته سڀ چوندا "ڀٽو جو ملڪ پاڪستان!" اوهين ايشيا جو نالو وٺو ته هڪدم ٻڌندڙ چوندو ته "ها، جنهن کنڊ جو نالو ذوالفقار علي ڀٽي اقوام متحده ۾ ورتو هو!"

پنهنجي ملڪ ۾ اوهين ڪٿي به مظلومن، مفلسن، غريبن هارين ۽ مزورن جي حقن ۽ آزاديءَ جي ڳالهه ڪريو ته ٻڌندڙ جي ذهن ۾ هڪڙي ماڻهوءَ جو خاڪو تصور تي تري ايندو. "ها، ذوالفقار علي ڀٽي ئي ته انهن جي ڳالهه ٿي ڪئي!"

پر اهڙي ڳالهه ڪرڻ ۾ رڳو ابراهيم لنڪن جيان شهادت حاصل ڪرڻ ڪافي نه هو. ان ۾ ته سقراط جي ڏاهپ به شامل ڪرڻ ضرور هئي، ڇو ته خود ابراهيم لنڪن سقراط جي انهن لفظن تي غور ڪندي اهو فيصلو ڪيو هو- "انسان آزاد پيدا ٿيو آهي. هن کي غلام رکڻ انسانيت جي بي عزتي آهي!" ان لاءِ ئي ته هن پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو هو. هاڻ ٿوري دير لاءِ ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ سوچيو ته اوهان کي هن ۾ سقراط به نظر ايندو ته ابراهيم لنڪن به!

پر هاڻ ڏسو ته هن پنهنجي خيالن کي هو ڪيئن ٿو بيان

Gul Hayat Institute

نڪرن؛ هن مان تہ جيڪڏهن هڪڙي هڪڙي ماڻهوءَ رڳو ڪين هڪڙي ٽڪ هڻي تہ سندن اهڙو حال ٿيندو جڻ تہ ڪنهن ڪُتل ڪڪڙ!

اهو ڏاهو ماڻهو، اهو دلير مڙس، اهو سنڌ جو سپوت، اهو پاڪستان جو سقراط ۽ ابراهيم لنڪن، ذوالفقار علي ڀٽو ۵ جنوري ۱۹۲۸ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

لاڙڪاڻو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي حيثيت ٿو والاري، جنهن سنڌ کي دنيا جي تاريخ ۾ اهڙي عزت ۽ شرف حاصل ڪرايو آهي. جهڙي ڏاهن جي ملڪ يونان ۾ "ايٿنس" (Athens)کي آهي. اتي نہ رڳو يونان جي ڏاهن ويهي دنيا کي ڏاهپ جو ڏس ڏنو ۽ يونان فلسفي جو مرڪز بڻيو، پر ان ڪانسواءِ ان ئي شهر ۾ جمهوريت ۽ لوڪ راڄ جا پهريان تجربا ڪيا ويا. ان ڪانسواءِ يونان جي تاريخ جا ٻيا ڪيئي قديم آثار ان شهر ۾ آهن ۽ يونان جي سڃاڻپ بڻجي ويا آهن. تيئن لاڙڪاڻو بہ سنڌ جي سڃاڻپ بڻجي ويو آهي. ان جا بہ ڪيہ سبب آهن؛ پهريون تہ سن ۱۹۲۲ع ۾ دنيا جي قديم ترين سنڌريل تهذيب جا آثار لاڙڪاڻي جي ڀر ۾ موهن جي دڙي مان لڌا. اوهان تہ پڙهيو هوندو تہ موهن جي دڙي جي تهذيب، جنهن کي هاڻ سڄي دنيا ۾ "سنڌو تهذيب"(Indus Civilization) چيو وڃي ٿو، انساني تاريخ جي هڪ اهڙي تهذيب آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اڪثر قديم تهذيبن ۾ سڀ کان سڌريل تهذيب ثابت ٿئي ٿي. هتي جا گهر، هتي جون

Gul Hayat Institute

خاندان بہ تمام گھڻي ايراضيءَ جو مالڪ رهندو آيو آهي.

سنڌ جي انهيءَ خاندان جي هڪ سپوت ذوالفقار علي ڀٽي، سنڌ کي ورڻي هڪ ڀيرو سڄي دنيا ۾ هڪ نئين معنيٰ ۽ سڃاڻپ وٺي ڏني. هن پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو جمهوريت جو دور آندو ۽ پنهنجي اصولن ۽ آدرشن جي ڪري، سڄي دنيا جي غريبن، محڪومن ۽ مظلومن لاءِ آواز اٿارڻ جي ڪري، هو دنيا جي انهن سياسي مدبرن ۾ شمار ٿئي ٿو، جيئن روس ۾ لينن، آمريڪا ۾ ابراهيم لنڪن، برطانيہ ۾ سرونسٽن چرچل، مصر ۾ جمال عبدالناصر، انڊونيشيا ۾ سوئيڪارنو، ترڪيءَ ۾ ڪمال اتا ترڪ وغيره پنهنجي پنهنجي قوم جا هيرو بڻجي ويا آهن. هن پنهنجي اصولن ۽ آدرشن خاطر پاڪستان جي عام ماڻهن جي آزادي، جمهوري حقن ۽ ڀلائيءَ خاطر پنهنجي جان ڏئي شهادت حاصل ڪئي، پر پنهنجي اصولن ۽ آدرشن کان هٿ ڪڻ قبول نہ ڪيو. سندس سياست ۽ شهادت پاڪستان کي، سنڌ کي ۽ لاڙڪاڻي کي عالمي تاريخ ۾ هڪ سڃاڻپ بخشي ڇڏي آهي، جيڪا تا قيامت رهندي! لاڙڪاڻو سنڌ جي تاريخ ۾ ”لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو“ بہ مشهور آهي. لاڙڪاڻي تي اهو لقب ڪيئن پيو؟ خبر ناهي. گهڻا گهڻا سال اڳ ١٨٤٣ع ۾ چارلس نيپيئر، انگريزن پاران سنڌ کي فتح ڪيو. ”فتح“ ان ڪري ٿو چئجي جو ٽالپرن کي مياڻيءَ ۽ دبي وارين جنگين ۾ پنهنجي اندروني بغاوتن، سازشن ۽ ڪمزورين جي ڪري شڪست کائڻي پئي هئي، نہ تہ اهو واقعو انگريزن جي فتح

Gul Hayat Institute

پنهنجي نياڻين کي تعليم ڏياري، زالن جي تعليم جي روايت قائم ڪئي. سنڌ جا ماڻهو سندس اهو احسان شايد لاهي نه سگهن. سندس اها نئي روايت آهي جو اڄ سندس پوٽي بي نظير ڀٽو آمريڪا جي اعليٰ ترين يونيورسٽي هارورڊ ۽ برطانيہ جي اعليٰ ترين يونيورسٽي آڪسفورڊ منجهان تعليم پرائي، سموري مسلم دنيا ۾ پهرين عورت وزيراعظم جو عهدو ماڻي رهي آهي، ۽ ڇاڪاڻ ته سرشاهنواز لاڙڪاڻي جو هو ته اهو اعزاز بہ لاڙڪاڻي کي آهي، ۽ اُن ڪري ئي جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان آزاد ٿي ته "لاڙڪاڻو ساه سيباڻو" جو قول عام ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته آزادي بہ ڪنهن قوم لاءِ ايئن زندگي بخشيندڙ آهي، جيئن عام انسان لاءِ سندس ساه حياتي بخشيندڙ آهي.

سر شاهنواز خان ڀٽو جنهن سنڌ کي آزادي ڏياري ۽ سنڌ جي مسلمان نياڻين لاءِ تعليم جو سماجي انقلاب آندو، ذوالفقار علي ڀٽو ان جو فرزند هو. چوندا آهن ته تاريخ ۾ اهميت انهن عظيم انسانن کي آهي، جيڪي پنهنجي ماحول ۽ روايت جي غلط هلت خلاف بغاوت ڪري، ٻين لاءِ ڪو مثال قائم ڪن. هن نہ رڳو سنڌ کي بمبئيءَ کان آزادي وٺي ڏني پر پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ۽ تربيت ڏنائين، جو اُن جي نتيجي ۾ نہ رڳو سندس اولاد پنهنجي وطن جي عظيم ترين هستين ۾ شمار ٿيو، پر سنڌ ۾ ٻين بہ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ کي اهميت ڏيڻ شروع ڪئي. هي وڏي ڳالھ جيڪا سر شاهنواز ڀٽي هڪ مثال طور ڇڏي، سا اها ته سياست ۾، پنهنجي فائدي بدران،

Gul Hayat Institute

عام فائدي جو خيال ڪجي، اصولن ۽ آدرشن تي اڏول ٿي رهجي پوءِ ڪٿي ڪيڏو به ذاتي نقصان ڇو نه پهچي. سندس انهيءَ روايت کي سندس فرزند، ذوالفقار علي ڀٽي ان حد تائين نڀايو جو سِرُ ڏنائين پر اصولن لاءِ اڏول بڻجي مُلڪ جي ظالم فوجي ڊڪٽيٽر اڳيان، پنهنجو سِرُ نه جهڪايائين.

ذوالفقار علي ڀٽي جي تعليم ۽ تربيت تي سر شاهنواز ڀٽي خاص ڌيان ڏنو. کيس تمام سٺن اسڪولن ۾ پڙهيائين. سنڌ ۾ ابتدائي تعليم ڪان پوءِ، جڏهن سر شاهنواز بمبئيءَ ۾ سنڌ جي نمائندي طور رهڻ لڳو ته ذوالفقار علي ڀٽي کي بمبئيءَ جي هڪ سٺي اسڪول "ڪئٿيڊرل هاءِ اسڪول" ۾ داخل ڪرايائين. پنهنجي ذهانت جي ڪري هو پنهنجي اسڪول جي شاگردن کان پڙهڻ لکڻ کانسواءِ راندين ۾ به اڳيرو هو. کيس خاص ڪري ڪرڪيٽ کيڏڻ جو ڏاڍو شوق هو.

سر شاهنواز، ذوالفقار علي ڀٽي جي تربيت تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو. مائٽ ٻارن جي تربيت ۾ ذاتي دلچسپي وٺن ته ذهانت سان گڏوگڏ ٻارن ۾ سماجي ذميداريءَ جو احساس به پيدا ٿئي ٿو. سر شاهنواز پنهنجي صحبت ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي، قدم قدم تي تربيت ڏني. هو سياسي شخصيت هو. وائسراءِ کان وٺي هيٺين درجي تائين سياستدانن، مفڪرن ۽ مدبرن سان هن جي اٿ ويهه هئي. ان ماحول ۾ ئي ذوالفقار علي ڀٽي سياسي ۽ سماجي تربيت حاصل ڪئي. سندس والد ڀهرين ته کيس اها تربيت ڏني ته وڏائي ان ۾ ڪانهي ته ڪو ماڻهو

Gul Hayat Institute

دولتمند آهي يا ڪو وڏو زميندار آهي؛ وڏائي اِن ۾ آهي تہ انسان اِنسان طور وڏو هجي، هن جو ڪردار وڏو هجي، هن جا اصول ۽ آدرش وڏا هجن. انهن اصولن ۽ آدرشن خاطر ماڻهوءَ کي جيڪڏهن پنهنجي ئي طبقي جي ماڻهن سان جنگ جوٽڻي پوي تہ اِها جنگ آخر تائين وڙهجي. سنڌ جي ماڻهن جي روايتي همت، جرئت، دليري ۽ پنهنجي وطن جي عزت خاطر جان جي قرباني ڏيڻ جي سبقن ڏيڻ وقت سر شاهنواز پنهنجي هن ذهين پٽ جي اکين ۾ اکيون وجهي چوندو هو؛ "پٽ، عزت انسان خريد ڪري نٿو سگهي، ڪٿي ڪيتري بہ دولت خرچ ڪري! عزت انسان کي تڏهن ملندي جڏهن اِنسان ٻين جي عزت ڪندو، ۽ خاص ڪري سياست ۾، عزت تڏهن ملندي جڏهن ماڻهو غريب، اهڙجهہ، بيوس انسانن جي عزت ڪندو، ۽ سندن حالت سڌارڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو!"

اهي لفظ جڻ تہ ذوالفقار علي ڀٽي جي ذهن تي لوهي ليڪي وانگر هميشہ لاءِ محفوظ ٿي ويا، ۽ اِڳتي هلي سر شاهنواز جي اها ئي تربيت لياريءَ کان لنواريءَ تائين، ڪراچيءَ کان خيبر تائين ذوالفقار علي ڀٽي جي زبان تي هئي. هر جلسي ۾ هو چوندو هو تہ "اوهين ئي سڀ ڪجهہ آهيو، عوام آهي تہ ملڪ آهي، عوام جي عزت ملڪ جي عزت آهي، جيڪو اوهانجي عزت نہ ڪندو، آءٌ بہ ان جي عزت نہ ڪندس، ڪٿي اهو ملڪ جو صدر ڇو نہ هجي. اصل طاقت عوام جي آهي. سياست بہ تڏهن عزت لائق آهي، جڏهن عوام جي خدمت ۾، سندس

Gul Hayat Institute

ڀلائيءَ لاءِ، سندن عزت لاءِ هجي!"

۽ پوءِ سڄي دنيا ڏٺو تہ هن پنهنجو هر ڏينهن، هر ڏينهن جي هر گهڙي، هر رات، هر رات جي هڪ هڪ ساعت، انهيءَ عوام- غريبن، مسڪينن، بيواهن، هارين ۽ مزورن لاءِ وقف ڪري ڇڏي. اٿندي ويهندي، هن کي اهي ئي ياد هئا. هر تقرير ۾، هر تحرير ۾، هر ملاقات ۾، هر گڏجاڻيءَ ۾ هو انهن جوئي ذڪر ڪندو هو. هن عوام کي عزت ڏني تہ عوام بہ هن کي اکين تي وهاريو، جيءَ ۾ جايون ڏنيون! جيترو هو تڏهن بہ عام ماڻهن جي دلين سان گڏ ڌڙڪندو رهيو، ڪيس شهيد ڪيائون تہ ڪروڙين انسانن ائين سمجهيو تہ هن جو ڪو بنهہ ويجهو عزيز قريب کانئن جُدا ٿي ويو آهي. ڪن متوالن تہ پتنگن وانگر، رڳو سندس سزا جي خبر ٻڌي، پاڻ کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو تہ پٺتي ڪانئوءِ جيئڻ ڪهڙو؟ اهو نہ رڳو اعتراف هو، هن جي مقبول هجڻ جو پر ان عزت جو جيڪا عام ماڻهن جي دلين ۾ هن لاءِ موجود هئي!

ٻمبئيءَ ۾ ابتدائي تعليم کانپوءِ، سر شاهنواز هنکي وڌيڪ اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا موڪلي ڇڏيو. لاس اينجلز جي "يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا" ۾ سيپٽمبر ١٩٤٧ع کان جنوري ١٩٤٩ع تائين تعليم حاصل ڪيائين، ۽ ١٩٤٩ع ۾ "برڪلي يونيورسٽيءَ" ۾ داخلا ورتائين ۽ اتان سياست جي علم ۾ "آنرز" جي ڊگري حاصل ڪيائين. انهن ڏينهن کان اڄ تائين سياست کي هڪ سائنس Political Science طور

Gul Hayat Institute

سمجهيو ٿي ويو. اڄ تائين سياست جي روايتي علم جي اها ئي حيثيت آهي، پر ذوالفقار علي ڀٽي ان مضمون کي وڏيڪ سمجهڻ لاءِ فلسفي ۽ تاريخ کي بہ پنهنجو محور بڻائي ڇڏيو. يونيورسٽيءَ جي زماني ۾ تقرير بازي(Debating) جي مقابلن ۾ هن هميشہ نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي. ان زماني جي هن جي دوستن، همعصرن ۽ استادن جي راءِ اها آهي تہ ان وقت ئي اندازو ٿيڻ لڳو هو تہ هي شخص ڀين ڪان نرالو آهي. هن جي نظر سموري عالمي سياست تي ايڏي گهري هئي، جو خود استاد بہ هن سان بحث ڪرڻ ڪان ڪيٻائيندا هئا. خاص ڪري ايشيا جي مسئلن تي، بيٺڪي راڄ جي حوالي سان هن جيڪي تقريرون ڪيون ۽ مضمون لکيا، تن هن کي عالمي شهرت ڏيئي ڇڏي. انهيءَ زماني ۾ دنيا جي بيٺڪي راڄ جي حمايتين ۽ سامراجي ملڪن گڏجي عربن کي سياسي طرح پنهنجو محتاج رکڻ لاءِ 'اسرائيل' جي رياست جو بنياد وڌو. ذوالفقار علي ڀٽي ان وقت ئي چيو هو تہ "هيءُ خنجر عربن جي سيني ۾ ڪوڙي، سامراجين هميشہ لاءِ دنيا جي امن لاءِ هڪ مستقل خطرو پيدا ڪري ڇڏيو آهي!" اڄ سموري دنيا هن جي لفظن جي سچائيءَ کي مڃي ٿي.

Gul Hayat Institute

برڪلي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم ختم ڪرڻ ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم لاءِ پهتو. آڪسفورڊ مان هن قانون ۾ ايم اي (آنرز) جي ڊگري حاصل ڪئي. انگلنڊ ۾ ئي هن "لنڪنس اِن" مان بيريسٽريءَ جي

سَندَ حاصل ڪئي، ۽ پوءِ ۱۹۵۳ع ۾ پاڪستان موٽي آيو. انهن ئي ڏينهن ۾ ۱۹۵۱ع ۾ جڏهن هو ڪجھ وقت لاءِ پاڪستان آيو هو، تڏهن سندس ملاقات محترمہ نصرت ڀٽو سان ٿي. ٻنهي هڪ ٻئي کي پسند ڪيو ۽ سندن شادي ٿي. بيگم نصرت ڀٽو هن سان ايڏو توڙ نڀايو جو سندس شهادت کانپوءِ بيگم نصرت ڀٽو ئي هئي، جنهن سندس آدرش کي قائم رکي، سندس پارٽي ۽ ملڪ جي عوام خاطر جيل سٺا، سختيون ڀوڳيون، پنهنجي صحت تباھ ڪئي، پر همت نہ هاريائين، ۽ اڄ بہ هوءَ سموري ملڪ ۾ ساڳي عزت ۽ احترام سان ڏٺي وڃي ٿي.

۱۹۵۳ع ۾ هو پنهنجي تعليم مڪمل ڪري پاڪستان موٽي آيو، ۽ وڪالت شروع ڪيائين. وڪالت سان گڏ ڪجھ عرصو هن سنڌ مسلم لا ڪاليج ۾ قانون ۽ خاص ڪري آئيني قانون پڙهائڻ شروع ڪيو. ان وقت ڪان ملڪ جون حالتون اهڙيون هيون جو ذوالفقار علي ڀٽي جهڙو ڏاهو ماڻهو ڪيئن ٿي صبر ڪري سگهيو. هن پنهنجي اکين سان پئي ڏٺو تہ حڪومت ۾ شامل وڏيرا، چوڌري ۽ سيٺيون عام ماڻهن ـ هارين، مزورن، شاگردن، استادن ۽ ننڍن دڪاندارن لاءِ ڪا بهتر زندگي ميسر ڪرڻ بدران، پنهنجي اقتدار جي جنگ ۾ مصروف هئا. هڪڙي وزارت هڪڙي ڏينهن ٿي ٺهي تہ ٻئي ڏينهن انهيءَ کي ڊاهڻ جا سانباها ٿي شروع ٿيا. عام ماڻهن جي حالتن کي سڌارڻ بدران، جنهن وٽ جيتري طاقت

Gul Hayat Institute

هئي، ان کي استعمال ڪري، هر ڪو پنهنجي سياسي ۽ معاشي حيثيت خاطر، سازشون ۽ دولاب ڪرڻ ۾ مصروف هو. ڪنهن بہ سياستدان کي عام ماڻهوءَ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪابہ اون ڪانہ هئي. ذوالفقار علي ڀٽي ان زماني ۾ "سنڌي يوٿ فرنٽ" جي محاذ تان ننڍا ننڍا ڪتابڙا لکڻ شروع ڪيا. سندس لکڻين ۾ ايڏو زور ۽ دليل هوندو هو، جو هر ڪنهن واهہ واهہ ڪرڻ ٿي شروع ڪئي. جڏهن پنهنجي غلط سياست ۽ عام ماڻهن جي احتجاج کان گهبرائجي، حڪومت ۾ شامل وڏيرن ۽ سيٺين، ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ "ون يونٽ" اسڪيم تي عمل ڪرڻ جو پهہ ڪيو، جنهن ۾ اولهہ پاڪستان جي عوام جي مطالبن کي ميٽڻ ۽ ڪو صحيح جواب ڏيڻ بدران، هنن اولهہ پاڪستان جي صوبن جو وجود ئي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو، تڏهن ذوالفقار علي ڀٽو صبر ڪري نہ سگهيو. هن جي والد سنڌ کي بمبئي کان آزادي ڏياري هئي، ۽ سنڌ کي دنيا جي نقشي تي ڀيهر اڀاري آندو هو. اڄ ان سنڌ کي وري نيست و نابود ڪرڻ جي سازش ٿي تہ ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلڻ جي واٽ ورتي. ١٩٥٦ع ۾ هن هڪ ڪتابڙو لکيو، جنهن جو نالو "پاڪستان-هڪ وفاق يا وحداني رياست؟ (Pakistan- a federal or a Unitary State?) هو. اهو ڪتابڙو ايترو تہ سٺو لکيل هو، ۽ ان جا دليل ايڏا تہ وزندار هئا، جو سنڌ جي ماڻهن ڀهريون ڀيرو محسوس ڪيو تہ هو نڌڻڪا ناهن، ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جهڙا ماڻهو سنڌ



Gul Hayat Institute

جي وجود ۽ سنڌ جي ماڻهن جي حقن سان گڏ، سمورن صوبن جي ماڻهن جي حقن لاءِ، آئيني ۽ منطقي ويڙهه شروع ڪرڻ لاءِ ميدان تي نڪري ايندا. پارو، جڏهن اولهه پاڪستان جي ون يونٽي اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ خلاف ٺهراءُ پاس ٿيو، تڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جو اهو ڪتابڙو ۽ پمفليٽ ئي هو، جنهن سمورن اسيمبلي ميمبرن کي قائل ڪيو ته ون يونٽ نه رڳو سنڌ، پر سموري پاڪستان لاءِ زهر مثل آهي، جنهن مان ماڻهن جي وچ ۾ ڪدورتون ۽ حسد پيدا ٿيندو، ۽ پاڪستاني ماڻهو هڪ ٻئي جي خلاف نت نوان الزام گهڙڻ، ۽ نت نيون شڪايتون ڪرڻ لڳندا. ايئن ذوالفقار علي ڀٽي جڻ ته پنهنجي والد جي روايت کان رهنمائي حاصل ڪندي، سنڌ کي ون يونٽ جي اوڙاهه منجهان ٻاهر ڪڍڻ جي جنگ ۾ اڳواڻيءَ جو ڪردار ادا ڪيو.

١٩٥٧ع ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي گڏيل قومن جي اداري ۾ پاڪستان واري وفد ۾ موڪليو ويو. هن جون تقريرون نه رڳو پاڪستان بلڪ دنيا جي ننڍن ننڍن ۽ غير اهم ملڪن کي اهو احساس ڏياريو ته ننڍو ملڪ هجڻ ڪا گهٽ ڳالهه ڪانهي، گڏيل قومن ۾ هنن جي حيثيت به اها آهي، جيڪا وڏن ملڪن ۽ وڏين طاقتن آمريڪا، روس، چين، برطانيه ۽ فرانس جي آهي، ۽ سامراجي طاقتن کان آزادي حاصل ڪرڻ وارا ملڪ به پنهنجو پاڻ آزاد ۽ عزتدار ملڪن طور پاڻ مڃائي سگهن ٿا.

Gul Hayat Institute

گڏيل قومن ۾ هن جي تقريرن کان هر ڪو ايترو متاثر ٿيو جو ١٩٥٨ع ۾ ڪيس پاڪستاني وفد جو اڳواڻ ڪري وري موڪليو ويو ته جيئن بين الاقوامي سطح تي "سمندن جي حدن بابت قانون" لاءِ گڏيل قومن ۾ ڪو ناهه ٿي سگهي. وري به ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي ذهانت، پنهنجي قانوني ڄاڻ، پنهنجي تقرير ۽ بحث ڪرڻ جي فن ۾ مهارت جي ڪري ايتري ڪاميابي حاصل ڪئي جو سموري دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ٿي ويو.

١٩٥٨ع ۾ ايوب خان سياستدانن جي ڪمزورين ۽ پيچ دار جي فيصلن جي ڪري عوام ۾ ڦهليل مايوسيءَ جو فائدو وٺندي مارشل لا نافذ ڪئي. مارشل لا هڪ اهڙو قانون آهي، جنهن هيٺ سمورا شهري قانون ۽ قاعدا ختم ڪري، فوجي قانون نافذ ڪيو ويندو آهي. انهن قانونن جي عمل خلاف نه ڪا عدالت فيصلو ڏئي سگهندي آهي، ۽ نه ڪو ننڍي پيماني تي عوامي رد عمل ان خلاف ڪامياب ثابت ٿيندو آهي. ان ڪري ئي سموري دنيا ۾ مارشل لا کي "ڪارو قانون" سڏيو ويندو آهي. ان وقت ايوب خان عام ماڻهن کي اهو ڏٽو ڏنو ته سندس مقصد رڳو اهو هو ته سياستدانن جي ڦهلايل بدڪرداري، بدعنواني، جهيڙن جهٽن ۽ عوام جي خلاف ڪنيل قدمن خلاف علاج طور مارشل لا لاڳو ڪئي اٿس. ذوالفقار علي ڀٽو، نه چاهيندي به، ايوب خان جي دعوت تي، سندس وزارت ۾ شامل ٿيو. پهرين ڪيس واپار لاءِ وزير مقرر ڪيو ويو، ۽ پوءِ ڳچ

Gul Hayat Institute

عرصو هو پاڪستان جو وزيرخارجہ يا پرڏيهي وزير رهيو. ان سموري عرصي ۾ هن ملڪ جي جيڪا خدمت ڪئي، اها تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکڻ جهڙي آهي. هن پاڪستان کي، سموري دنيا ۾، هڪ اهم ملڪ جي حيثيت ڏياري ڇڏي. هوئن جو پاڪستان رڳو سامراجي ملڪن، آمريڪا ۽ برطانيہ جي اڳيان پويان پيو ليلڙائيون ڪندو هو ۽ سندن امداد جي سهاري ٽڳندو هو، تڏهن ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي حڪمت عمليءَ سان پاڪستان جي عزت کي مٿي آڻڻ خاطر، اهڙا قدم کنيا جو عام ماڻهن بہ محسوس ڪيو تہ هائو ڀيلي، هي شخص آهي، جيڪو پاڪستان جو سموري دنيا ۾ مانَ مٿانهون ڪندو. هن پهريون ڀيرو روس سان واپاري ناتا ڪري، آمريڪا ۽ برطانيہ طرفان پاڪستان سان معاشي ۽ تجارتي اره زورائيءَ کي ڀنجو ڏنو. روس سان لاڳاپا وڌائڻ سان هن پاڪستان کي آزاد ملڪ جي حيثيت ڏياري ڇڏي. ساڳي طرح آمريڪا جي دٻاءَ جي ڪري، چين سان بہ پاڪستان جا لاڳاپا خيرڪو هئا. ذوالفقار علي ڀٽي چين جا دورا ڪري، چين ۽ پاڪستان دوستيءَ جا اهڙا بنياد وڌا جو اها دوستي اڄ بہ پاڪستان لاءِ عزت ۽ احترام جو باعث آهي. هن نہ رڳو چين سان سرحدن بابت ناتا لاءِ ميدان تيار ڪيو پر چين سان اهڙا ناتا ڪيا، جن تحت ضرورت پئي چين پاڪستان لاءِ فوجي توڙي سياسي امداد ڏيڻ جو پابند بڻجي ويو. هن چين جي اڳواڻن ماؤزي تنگ ۽ وزيراعظم چُواين لاءِ سان ذاتي لاڳاپا قائم

Gul Hayat Institute

ڪيا، ۽ انهن عظيم انسانن، انهن ذاتي لاڳاپن ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت جي مهابي، پاڪستان جي هر ميدان ۾ ايتري مدد ڪئي جو اڄ چين پاڪستان جو سڀ کان پروسي جهڙو دوست ملڪ آهي.

وزيرخارجہ طور تہ ذوالفقار علي ڀٽي نہ رڳو پاڪستان کي سامراجي اثر کان آجو ڪري روس ۽ چين سان لاڳاپا قائم ڪيا، پر سندس سڀ کان نمايان خدمت اها هئي تہ هن ٽين دنيا جي ملڪن سان، خاص طرح اسلامي ملڪن سان، پاڪستان جي لاڳاپن کي هڪ نئون مستقل ۽ پائدار بنياد ميسر ڪري ڏنو. اهي نئي لاڳاپا ۽ تعلقات آهن، جيڪي هن وقت بہ پاڪستان جي خارجہ پاليسيءَ جو مکيہ ۽ سڀ کان اهم حصو آهن. اڄ پاڪستان کي ٽين دنيا ۽ اسلامي ملڪن ۾ جيڪا عزت ۽ وقار حاصل آهي، سو ذوالفقار علي ڀٽي جي انهن ابتدائي ڪوششن ۽ ملاقاتن جي ڪري آهي، جيڪي هن وزيرخارجہ طور ڪيون ۽ جن کي هن پوءِ وزيراعظم مقرر ٿيڻ بعد وڌيڪ مستحڪم ڪيو.

پر ذوالفقار علي ڀٽي جهڙو بي چينُ روح ڪٿي ٿو ايوب خان جهڙي آپيشاهيءَ ۽ آمر سان گهڻو وقت رهي سگهي. هن ڏٺو تہ ايوب خان جي حڪمراني هيٺ غريب وڌيڪ غريب ٿيندو ٿي ويو، شاهوڪار وڌيڪ شاهوڪار بڻجندو ٿي ويو. غريب هاري ۽ پورهيت جي حالت اڳي کان بہ وڌيڪ ابتر ٿيندي ٿي ويئي. پاڪستان جي مختلف قوميتن ۾ وڌيڪ نفاق

ڏھلجندو ٿي ويو. ايتريقدر جو اوڀر پاڪستان جا ماڻھو کليو کلايو اھو چوڻ لڳا ھئا تہ پاڪستان ۾ سندن حيثيت ٻئي درجي جي شھريءَ جي آھي. جيتوڻيڪ ھو سموري پاڪستان ۾ اڪثريت ۾ ھئا. ايوب خان ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪاميابين، سندس ذھانت، سندس بين الاقوامي شھرت، سندس عوام ۾ مقبوليت کان ايترو حسد ڪرڻ لڳو، جو ڪن نھايت اھم معاملن ۽ فيصلن ۾، ھن جناب ڀٽي جي راءِ کي نظرانداز ڪرڻ، بلڪ انھن ۾ کيس شامل ڪرڻ کان ئي لھرائڻ لڳو. انھن ئي فيصلن ۾، ايوب خان جو ھندستان سان جنگ جون حالتون پيدا ڪرڻ جو فيصلو ھو، جنھن جي ڪري بلڪ آخر ۱۹۶۵ع ڌاري، ٻنھي ملڪن ۾ باقاعدي جنگ شروع ٿي وئي.

۱۹۶۵ع واري جنگ ۾ وري بہ ذوالفقار علي ڀٽي جي بين الاقوامي شھرت ۽ سندس ذاتي لاڳاپن پاڪستان لاءِ وڏو ڪم ڪيو، جيڪي ھن مختلف ملڪن جي سربراھن سان پنھنجي ذھانت، سياسي بصيرت ۽ دورانديشيءَ کان ڪم وٺندي، پاڪستان جي مفاد لاءِ ڪيا ھئا. چين، انڊونيشيا، ايران ۽ ترڪيءَ ان جنگ ۾ پاڪستان جي ھر قسم جي مالي، فوجي ساز و سامان، بين الاقوامي ادارن ۾ اثر رسوخ جي ذريعي بي مثال مدد ڪئي. ان ڪان پوءِ گڏيل قومن جي ادارن ۾ ھن جھڙي طرح پاڪستان جو ڪيس پيش ڪيو، تنھن نہ رڳو ھن کي بين الاقوامي شھرت جي آسمان تي پھچائي ڇڏيو، پر

Gul Hayat Institute

پاڪستان جي عوام جي دلين ۾ هڪ نئين جاءِ، هڪ نئون بلند مقام حاصل ڪري ورتو. سندس تقريرون اڄ بہ بين الاقوامي سياست ۾ هڪ مثال طور پيش ڪيون وڃن ٿيون. سچ تہ اهو آهي تہ بين الاقوامي ميدان تي جناب ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستان کي اهڙي خارجہ پاليسي ڏني، جيڪا اڄ بہ حالتن جي بدلجڻ جي باوجود، رهنما اصولن جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي.

١٩٦٥ع جي جنگ ايوب خان شروع تہ ڪرائي، پر پوءِ ڪيس اچي پنهنجي حڪومت وڃڻ جي ڊپ ورايو ۽ جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ۽ هندستان سان ناهہ ڪرڻ لاءِ هن تاشقند ويجي، پاڪستان لاءِ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جيڪي فائدا حاصل ڪيا هئا، سي تاشقند ناهہ ۾ هارائي آيو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي تاشقند ۾ ئي ايوب خان کي چتاءُ ڏيئي ڇڏيو هو تہ پاڪستان جو عوام اهو ناهہ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو. ان وقت رڳو ملڪ جي اعليٰ مفاد خاطر هن وزارت تان استعفيٰ ڏيڻ جي ڳالهہ کي لڪائي ڇڏيو. نہ تہ اها ڳالهہ عالم آشڪار آهي تہ جناب ڀٽي تاشقند جي معاملي تي ايوب خان کي پنهنجي استعفي اتي ئي پيش ڪري ڇڏي هئي.

تاشقند کان موٽڻ کان ترت پوءِ، هن کان وڌيڪ صبر ٿي نہ سگهيو، ۽ هن پاڪستان جي عوام کي جنگ جي نتيجن، ۽ تاشقند ۾ ٿيل ناهہ کان اونده ۾ رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ۽ ايوب خان جي وزارت تان استعفيٰ ڏيئي، ميدان تي

Gul Hayat Institute

نڪري آيو. هن ايوب خان جي آمريت، سندس غلط سياسي ۽ بين الاقوامي فيصلن، سندس خاندان جي ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ جي غلط روايت، ملڪ ۾ غريبن ۽ مسڪينن جي بگڙندڙ حالت بابت تقريرون ڪرڻ ۽ بيان ڏيڻ شروع ڪيا. ايوب خان بہ هر آمر وانگر هن جي آواز کي ڏاڍ مڙسيءَ، تشدد ۽ دڙڪن سان دٻائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. جناب ڀٽي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا. هن کي جيل ۾ وڌائون. هن جي جلسن کي غنڊاگرديءَ سان درهم برهم ڪرڻ ۽ مٿس لٺين جا وسڪارا ڪرڻ هڪ عام ڳالھ ٿي ويئي. پر هو پنهنجي ارادن ۽ آدرشن تي اڏول رهيو. پاڪستان جو عوام جڻ تہ جناب ڀٽي جي پويان لڳي پيو.

ان ئي زماني ۾ جناب ڀٽي ۱۹۶۷ع ۾ باقاعدي پنهنجي الڳ سياسي پارٽي قائم ڪئي، جنهن جو نالو ئي رکيائين "پاڪستان پيپلزپارٽي" يعني پاڪستان جي عوام جي پارٽي. هن ان نئين جماعت جا هيٺيان چار متا مقرر ڪيا.

- ▲ اسلام اسان جو دين آهي
- ▲ جمهوريت اسان جي سياست آهي
- ▲ سوشلزم اسانجي معيشت آهي
- ▲ طاقت جو سرچشمو عوام آهي.

اهي چار اصول پاڪستان جي عوام ۾ ايڏو مقبول ٿيا جو ماڻهو لکن ڪروڙن جي تعداد ۾ جناب ڀٽي جا حامي ٿي ويا. ايوب خان جناب ڀٽي ۽ سندس پارٽيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ هر

Gul Hayat Institute

ڏاڍ، آپيشاهي ۽ ظلم کي آزمائي ڏٺو. پر چري ڪيئن، چي ويران وير وڌا ماڻهو لنين جهلڻ ۽ گولين کائڻ کان بہ نہ ٽي ڊنا، ۽ جتي جتي ٽي ذوالفقار علي ڀٽي جلسو ڪيو، اُتي جڻ تہ عوام جو سمنڊ اٿلي ٽي پيو. ان ئي زماني ۾ ماڻهن سندس نالو ئي ڪني رکيو "قائد عوام!" اڄ بہ پاڪستان جا ماڻهو پيار مان کيس ان ئي نالي سان ياد ڪندا ٿا رهن.

نيٺ آمريت جو بُت ٽٽو، ۽ ايوب خان ١٩٦٩ع ۾ ميدان ڇڏي ڀڄي ويو، پر ويندي ويندي پاڪستان کي هڪ نئين خرابيءَ جو تحفو ڏيئي ويو. آئين موجب قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي حڪومت جون واڳون حوالي ڪرڻ بدران، هن حڪومت فوج جي سربراه جنرل آغا محمد يحيٰ جي حوالي ڪري ڇڏي، ۽ ملڪ تي نئين فوجي آمريت مڙهجي ويئي.

آمريت کي قبول ڪرڻ جناب ڀٽي جي بنيادي اصولن جي خلاف هو. ان ڪري هن جنرل يحيٰ کي چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن هن جا مطالبا نہ مڃيا ويا تہ جهڙي طرح هن جدوجهد ۽ هلچل هلائي ايوب خان کي ڊوڙائي ڪڍيو، تيئن هو سندس خلاف بہ ان کان بہ وڏي هلچل هلائيندو. جناب ڀٽي ڪائنس هيٺيان مطالبا ڪيا:

(١) ون يونٽ کي ٽوڙيو وڃي.

(٢) ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرايون وڃن ۽ جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.

(٣) ملڪ جي غريب ۽ مسڪين عوام تان ڏاڍ ۽ آپيشاهي ختم

Gul Hayat Institute

ڪني وڃي.

جنرل يحيٰ کي پنهنجي ذريعن کان اهي اطلاع اڳي ئي پهتا هئا ته جناب ڀٽو عوام ۾ ايڏو مقبول هو، جو جيڪڏهن سندس مطالبا نه مڃيائين ته پوءِ سندس حڪومت به چند ڏينهن جي مهمان ٿي پوندي پوءِ ڪني هو ڪيترو به ظلم ۽ ڏاڍ ڇو نه ڪري! ان ڪري هن ڀهرين ڀهرين ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو، ۽ ائين سنڌ جو وجود وري دنيا جي نقشي تي اُڀري آيو. جڻ ته تاريخ پاڻ کي ورجائي ڇڏيو؛ سندس والد سر شاهنواز سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو وٺي ڏنو ۽ جناب ذوالفقار علي ڀٽي ٢٥ سالن کان پوءِ وري سنڌ کي ون يونٽ جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياريو.

جنرل يحيٰ خان سندس پيو مطالبو به منظور ڪيو ۽ ١٩٧٠ع ۾ ملڪ ۾ عام چونڊن جو به اعلان ڪيائين، ۽ ملڪ جون سموريون سياسي جماعتون چونڊن ۾ حصو وٺڻ جون تياريون ڪرڻ لڳيون. جنرل يحيٰ جيتوڻيڪ چونڊن جي اعلان ڪرڻ وقت اهو اعلان ڪيو هو ته هو چونڊن ۾ بلڪل غير جانبدار رهندو، پر اندران ئي اندران هو هڪ وڏي سازش جون تياريون ڪري رهيو هو. هن جو منصوبو اهو هو ته ڪو اهڙو انتظام ڪري جو ڪابه پارٽي ايتريون گهڻيون سيٽون نه کٽي سگهي، جو ان کي قومي اسيمبلي ۾ اڪثريت حاصل ٿي وڃي. جڏهن پارٽين کي ٿوريون ٿوريون سيٽون هونديون ته ڪابه پارٽي هن جي مدد کانسواءِ حڪومت ناهي نه

Gul Hayat Institute

سگهندي، ۽ پوءِ هو پنهنجي خاص پارٽين جي اهڙي حڪومت ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندو، جيڪا ڪيس صدر طور تسليم ڪري!

اوله پاڪستان ۾ هن کي وڏو خطرو جناب ڀٽي جي پيپلزپارٽيءَ کان هو. ان ڪري هن وڏن وڏن سيٺين کان وڏيون رقمون چندي طور ورتي اهڙين پارٽين جي حمايت ۽ مدد ڪئي جن کي نہ جمهوريت پياري هئي، نڪي عام ماڻهوءَ جي بهبودي ۽ بهتري. هن مذهبي پارٽين ۽ جماعت اسلاميءَ کي خاص طرح تيار ڪيو تہ هو جناب ڀٽي خلاف محاذ ڪڙو ڪن. ڏوڪڙن جي زور تي سمورين مذهبي جماعتن کان، جماعت اسلاميءَ جي اڳوانيءَ ۾، اها فتويٰ ڏياري ويئي تہ ڀٽي صاحب جو اهو اصول تہ "سوشلزم اسان جي معيشت آهي"، ڪفر آهي، ۽ جيڪو ماڻهو ڀٽي صاحب جي پارٽيءَ کي ووٽ ڏيندو، سو ڪافر ٿي ويندو! پاڪستان جا عام ماڻهو سادا، سودا ماڻهو آهن ۽ مذهب ۾ هنن جو وڏو ويساهہ آهي، پر هو هن سازش ۽ چالبازيءَ کي پروڙي ويا، ۽ هنن انهن فتوائن کي ڪنگهيو بہ ڪون. خود جناب ڀٽي ۽ سندس خاندان جي خلاف ڪوڙي ۽ واهيات پروپيگنڊا شروع ٿي ويئي. ڪيترين اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ صحافين کي وڏيون وڏيون رقمون ڏنيون، جناب ڀٽي ۽ سندس پارٽيءَ خلاف هڪ باقاعدي مهم هلائي ويئي. ٻئي طرف جناب ڀٽي جي پارٽيءَ وٽ نہ پنهنجون اخبارون هيون، نہ سندس اميدوارن وٽ ڪا

Gul Hayat Institute

دولت هئي، جو ان مهم جي جواب ۾ ڪجھ ڪري سگھن. هو ته غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو هئا، جن وٽ پنھنجي اليڪشن وڙهڻ لاءِ ئي پئسو ڪونه هو. پر اتي به اولھ پاڪستان جي عوام انهن سازشن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. جڏهن چونڊن جو نتيجو ظاهر ٿيو ته اولھ پاڪستان ۾ جناب ڀٽي جي پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي، ۽ جماعت اسلاميءَ جهڙيون مذهبي ۽ رجعت پسند پارٽيون، باوجود حڪومت جي پٺڀرائيءَ ۽ ڪوڙين فتوائن ڏيارڻ جي، پنج سيٽون به ڪٽي نه سگھيون!

ٻئي طرف اوڀر پاڪستان ۾ وري شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ باقي سمورين پارٽين کي شڪست ڏيئي وڏي ۾ وڏي اڪثريت ڪٽي ڪامياب ٿي. اوڀر پاڪستان جي صورتحال اهڙي هئي جو اتي گھڻو ڪري سموري معيشت تي اولھ پاڪستان جي وڏن وڏن سيٺين جو مڪمل ڪنٽرول ۽ قبضو هو. ايوب خان جي آمريت جي حڪومت نه رڳو اهو معاشي قبضو اولھ پاڪستان جي سيٺين جي حوالي ڪيو، پر سمورن اهم حڪومت جي عهدن تي به اولھ پاڪستان جي نوڪر شاهيءَ جي هڪ خاص طبقي جي ڪامورن کي عملداري حاصل ٿي ويئي. اهي ٻئي طبقا اوڀر پاڪستان جي غريب عوام سان سالن جا سال ايذيون عقوبتون ڪندا رهيا، جو هنن ۾ مرڳو اولھ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي هئي. هنن جي زبان ۽ تهذيب کي هندو زبان ۽ هندو تهذيب هجڻ جو طعنو

Gul Hayat Institute

هنيو ويو. جڏهن بہ هن پنهنجي حقن جي ڳالهہ ٿي ڪئي، غربت جي ڳالهہ ٿي ڪئي، نوڪرين ۾ پنهنجي جائز حقن جي ڳالهہ ٿي ڪئي، ملڪ جي دولت ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجي حصي جي ڳالهہ ٿي ڪئي، تڏهن هن تي "پاڪستان جا دشمن" "هندستان جا ڇاڙتا" ۽ بيا بہ اهڙا ئي الزام هنيا ٿي ويا. جڏهن شيخ مجيب الرحمان صوبائي حقن لاءِ ڇهن نقطن جي ڳالهہ ٿي ڪئي تہ هن کي ملڪ دشمن سڏي ايوب خان مٿس "اگرتلا" وارو مشهور مقدمو قائم ڪيو هو، ۽ هن تي بند ڪمري ۾ ملڪ سان غداري ڪرڻ لاءِ ڪيس هلايو ويو هو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي ان مقدمي ۾ شيخ مجيب الرحمان پاران وڪيل طور پيش ٿيڻ جي آڇ ڪئي، پر ايوب خان جي حڪومت انهيءَ جي اجازت نہ ڏني. جنرل يحيٰ جي دور ۾ وري هڪ وڏي سازش ڪري اوير پاڪستان کي پاڪستان کان ٻاهر ڌڪي ڪڍڻ جون ڪوششون تيز ٿي ويون. ان لاءِ جنرل يحيٰ، جماعت اسلامي ۽ ٻين ڌرين سان ساز باز ڪري، ڪجهہ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو جناب ڀٽي علي الاعلان چيو تہ هو ڪنهن بہ اهڙي سازش ۾ شريڪ نہ ٿيندو، جنهن مان پاڪستان جي سالميت کي نقصان پهچي. هن پنهنجي سر ڍاڪا وڃي شيخ مجيب الرحمان سان ڳالهيون ٻولهيون شروع ڪيون تہ جيئن پاڪستان کي بہ ڪو نقصان نہ پهچي، جمهوريت کي بہ ڪو نقصان نہ پهچي، ۽ اوير پاڪستان جي ماڻهن جا حق بہ محفوظ رهن ۽ ڪين پاڪستان ۾ ٻين جهڙا حق

Gul Hayat Institute

واسطا ملي سگهن.

پر بين الاقوامي سازشن، جنرل يحيٰ خان، جماعت اسلامي ۽ ٻين سياسي ڪوتاهه انديشن ماڻهن جي ڪري، حالتون ان حد تائين بگاڙيون ويون، جو ان ۾ هندستان به ملوث ٿي ويو. اوڀر پاڪستان ۾ فوجي ايڪشن جي نتيجي ۾ اتان جي عوام تي بي انتها ظلم ڪيو ويو؛ هزارين بنگالين کي ٽينڪن جي زور تي چيپاٽڻ ۽ ڳوٺن کي تباهه ڪرڻ جا اهڙا ڪلور ڪيا ويا، جو سموري دنيا ۾ پاڪستان خلاف هاءِ هوءِ شروع ٿي ويئي. جماعت اسلاميءَ جي 'البدر' ۽ 'الشمس' جهڙين فاشي ٽولن اوڀر پاڪستان جي هزارين دانشورن، اديبن ۽ شاعرن کي قتل ڪري، وڏين وڏين کڏن ۾ پوري ڇڏيو. هائيدوس مچي ويئي ۽ لکن جي تعداد ۾ بنگالي، پنهنجي جان ۽ عزت بچائڻ لاءِ، هندستان ڀهچي ويا. هندستان ۾ پناهه وٺندڙن جو تعداد جڏهن ايترو وڌي ويو جو سندن حڪومت انهن کي کارائڻ پيارڻ ۽ وسائڻ ۾ لاچار ٿي پئي، تڏهن هن پاڪستان کي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن حالتون ائين ضابطي کان ٻاهر نڪرنديون ويون، ۽ ان قسم جو قتل عام ٿيندو رهيو ته هندستان کي قدم کڻڻو پوندو.

انهن سببن جي ڪري ١٩٧١ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ لڙائي ڇڙي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ اوڀر پاڪستان ڇڄي بنگلاديش بنجي ويو. ١٦ ڊسمبر ١٩٧١ع تي پاڪستاني فوجن هٿيار ڦٽا ڪيا، ۽ اوڀر پاڪستان جي

Gul Hayat Institute

ڪمانڊر جنرل نيازيءَ ڍاڪا جي "پلٽن ميدان" ۾ هندستان جي ڪمانڊر ان چيف اڳيان شڪست کي قبول ڪيو. هندستان جي فوج اٽڪل ٩٠,٠٠٠ (نوي هزار) جنگي قيدين کي پنهنجي ڪيمپن ۾ رکي ڇڏيو، اولهه پاڪستان ۾ هندستاني هوائي جهازن وڏي تباهي آڻي ڇڏي، ۽ هزارين ميل ايراضي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏي. جنگي خرچ ۾ صنعت جي تباهيءَ جي ڪري، ملڪ اچي ڏيوالي جي حد تي پهتو. اوير پاڪستان ۾ "ملٽري ايڪشن" جي نالي ۾ جيڪي ڪيس ۽ ڪلور ڪيا ويا، تن پاڪستان کي ايتري تہ بدناموسي ڏني جو ڪو بہ ملڪ پاڪستان جو دوست سڏائڻ لاءِ تيار نہ هو. جيتوڻيڪ جنگ ۾ اڳرائي هندستان ڪئي هئي، پر تڏهن بہ سموري دنيا جي حمايت هندستان کي حاصل ٿي وئي هئي رڳو ان ڪري جو هر ڪنهن اهو ٿي سمجهيو تہ اوير پاڪستان ۾ عام ماڻهن جو جيڪو ڪوس ٿيو هو، ان لاءِ پاڪستان جوابدار هو ۽ هندستان تہ پاڻ مظلومن جو حمايتي ثابت ٿيو هو!

پاڪستان سموري دنيا ۾ اڪيلو رهجي ويو هو؛ خود دوست ملڪ بہ حمايت ۽ مدد ڪرڻ کان هٿ ڪڍي ويا هئا. فوجي آمرن کي احساس ٿيو تہ هنن ذوالفقار علي ڀٽي جي صلاحن ۽ مشورن کي نظرانداز ڪري، نہ رڳو اوير پاڪستان وڃايو هو، پر اولهه پاڪستان جو بہ خير ڪونہ هو. لاچار هنن وري بہ ذوالفقار علي ڀٽي کي منٿ ڪئي تہ پاڪستان جي

Gul Hayat Institute

ساک کي ۽ وجود کي بچائڻ لاءِ اقوام متحده ۾ نمائندگي ڪري! پوءِ دنيا وري هڪڙو ڀيرو اقوام متحده ۾ هن سنڌ جي سپوت کي گرجندو ڏٺو. سندس تقريرون اڄ به اقوام متحده جي تاريخ ۾ پاڪستان کي نئين سر زنده ڪرڻ جو وڏو ڪارڻ آهن. هن سموري دنيا کي بين الاقوامي قانون ياد ڏياريو. اگرائي ڪرڻ بين الاقوامي قانون ۽ اقوام متحده جي چارٽر جي بي حرمتي هئي. ان جا سبب ڪهڙا به هجن، پر هر ملڪ جون بين الاقوامي سرحدون مقدس هئڻ گهرجن. پاڪستان جو ڪيس ڏاڍو ڪمزور هو. سموري دنيا پاڪستان جي خلاف هئي، پر جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي اقوام متحده ۾ بين الاقوامي قانون جي حڪمراني ۽ احترام جي ڳالهه ڪئي ته اهي ئي ملڪ، جيڪي پاڪستان جي حمايت تان هٿ ڪڍي ويا هئا، تن وري هڪڙو ڀيرو ڪنڌ مٿي ڪنيو، ۽ پاڪستان جي حمايت جو اعلان ڪيو. هوڏانهن جو هندستان اوله پاڪستان تي به قبضي جي رٿابندي ڪري رهيو هو، تنهن کي علي الاعلان چيائون: "خبردار، اسين بين الاقوامي قانون جي بي حرمتي برداشت نه ڪنداسون!"

چين، ايران، ترڪي، انڊونيشيا ۽ ڪئين اسلامي ملڪ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي سڏ تي لبيڪ چئي اٿيا، ۽ لاچار هندستان کي جنگ ۽ اوله پاڪستان تي قبضي ڪرڻ جي خواب تان دست بردار ٿيڻو پيو. جنگ بند ٿي، اوير

Gul Hayat Institute

پاڪستان عليحده ٿي ويو. پاڪستاني فوج پنهنجي وجود جي بدترين شڪست کائي، هندستان اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، پنهنجا نوي هزار جوان جنگي قيدي بڻارائي، مرڻ کنڊيءَ تي اچي پهتي. ڪيترا فوجي آفيسر ته بغاوت تي آماده ٿي ويا هئا!

پاڪستان جي ايراضيءَ جا پنج هزار ميل هندستان جي فوج جي قبضي هيٺ هئا. بمباريءَ جي ڪري شهر کنڊر ٿي رهيا هئا. ٻارنهن تيرنهن سالن جي فضول خرچين، ڦرلٽ ۽ جنگي چريائپ تي بي انداز خرچن جي ڪري، خزانو خالي هو. ماڻهن ۾ عجيب مايوسي، بزدلي ۽ خوف جا جذبا ڦهليل هئا. حڪمران ماڻهن کان لڪڻ ۾ پورا هئا. ماڻهن سان ايترا ڪوڙ ڳالهايا ويا هئا، جو هنن کي پنهنجي اخبارن، پنهنجي ريڊيي ۽ پنهنجي ٽي ويءَ تي اعتبار ڪونه هو!

۽ پوءِ ٻارڙ، سڀني جي نظر وري به هڪڙي شخص کي ڳولي رهي هئي، جيڪو هنن کي ملڪ بچائي ڏيڻ جي صلاحيت جو مالڪ هو، جيڪو هنن جي زخمي ۽ شڪست کاڌل دلين کي ڪو ڏڍُ ڏيئي ٿي سگهيو! ۽ اهو هو ذوالفقار علي ڀٽو! فوجي حڪمرانن کي به اهو ئي احساس هو، سو هڪڙو وفد موڪليائون ته ڀيلي، هاڻ وارو ڪر، هن ملڪ جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي ڪو ڪلهو ڏي!

اها گهڙي هڪ تاريخي گهڙي هئي، جڏهن جناب ڀٽي اڳيان

ملڪ جا حڪمران ڪنڌ هيٺ ڪيو ملڪ جي بچاءَ لاءِ منٿ ڪري رهيا هئا، ۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ هئا! هن جي نظر ۾ ماضي بہ هو، حال بہ هو ۽ مستقبل بہ هو. ڇڻ تہ هن جي اکين اهو ڏوراپو ٿي ڏنو تہ هاڻ ڇو آيا آهيو مون وٽ! جڏهن سڀ ڪجھ ختم ٿي چڪو آهي، جڏهن اوهين پنهنجي قوم کي ذلت جي پاتال ۾ ڌڪي چڪا آهيو، جتان قومون ڪڏهن بہ اسري نہ سگهنديون آهن! پر پوءِ انهن ساڳين اکين اڳيان پنهنجي ملڪ جي ڪروڙين ماڻهن جا روئندڙ، سڏڪندڙ، پاڙائيندڙ منهن اڀري آيا، تڏهن هن چيو: "چڱو، آءٌ اچان ٿو!"

ڪجھ وقت کانپوءِ پنهنجي هڪ دوست سان اُن گهڙيءَ جو ذڪر ڪندي، هو وري روئي پيو هو، ۽ چيو هئائين، "دوست هوندي مان ڏاڍو ضدي شخص آهيان! هي اهي ماڻهو هئا، جن منهنجي ڳالهين کي اهميت نہ ڏني هئي! هن منهنجي چوڻ جي باوجود، اوڀر پاڪستان ۾ سياسي عمل بدران فوجي عمل تي ضد ڪيو هو، هنن ماڻهن کي سک ڏيڻ بدران ڏک ڏنا هئا جو هنن انسانيت بدران وحشتپڻي کي ترجيح ڏني هئي، پر جڏهن هنن پاڪستان جي عوام جو واسطو وڌو، جڏهن سنڌين، بلوچن، پشتونن ۽ پنجابين جو واسطو وڌو، جن جون نظرون مون ڏانهن کڄيل هيون، تڏهن آءٌ انڪار ڪري نہ سگهيس ۽ مون هنن کي انگريزيءَ ۾ چيو هو:

تہ دنيا کي ٻڌايون تہ اسين بہ انسان آهيون، اسان کي بہ زنده رهڻ جو حق آهي، اسان کي موقعو ڏيو تہ اسين وري قومن جي سٿ ۾ بيهي ثابت ڪريون تہ تاريخ اسان جي پاسي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو انسان ڪهڙو انسان هوندو، جيڪو پنهنجي غلطين مان نہ سکي!

هن جي اها تقرير اڄ بہ ڪروڙين ماڻهن کي ياد آهي؛ اها عجيب تترير هئي- تقرير ڪندڙ جي دل روئي رهي هئي ۽ هن کي ٻڌندڙ ڪروڙين ماڻهن جون اکيون بہ ڳوڙها ڳاڙهي رهيون هيون! اهي ڳوڙها جن تہ هڪڙي نئين عزم جو اعلان ڪري رهيا هئا تہ ڇا بہ ٿي پوي، اسين ملڪ کي جمهوريت، انسان دوستي ۽ سماجي انصاف جي اصولن تي اڏڻ جو نہ رڳو حوصلو رکون ٿا، پر ان حوصلي کي عملي جامو بہ پهرائي ڏيکارينداسون. ۽ ائين عوام جو هي ليڊر، ڏينهن رات محنت ڪري، پاڪستان اڏڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويو. هو روزانو چوويهن ڪلاڪن مان ويهہ ڪلاڪ ڪم ڪندو هو. جن ماڻهن جو هن سان سڌو سنئون واسطو ۽ رابطو هو، تن کي اڪثر چوندو ٻڌبو آهي تہ اسان هنکي ڪڏهن بہ ستل نہ ڏٺو. اسان کي اها خبر نہ آهي تہ هو ڪيڏي مهل ننڊ ڪندو هو، ۽ الائجي ننڊ ڪندو بہ هو يا نہ! ائين هو پاڻ جاڳندو رهيو تہ جيئن هن جي ملڪ جو پورهيت عوام سک جي ننڊ سمهي سگهي!

جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي دور کي مختصر لفظن ۾ بيان

Gul Hayat Institute

ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر هن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا، جيڪي هن ملڪ کي نئين سر اڏڻ لاءِ سبب بنجي ويا، ۽ جيڪڏهن پاڪستان جي عوام جي دشمن جي سازشن جو شڪار نہ ٿئي ها تہ هو پنهنجي ايندڙ دور ۾ پاڪستان کي هڪ پوڻتي پيل ملڪ منجهان ترقي يافتہ ملڪ بنائي ڇڏي ها!

هن ايندي شرط انهن بنيادن تي ڪم ڪيو، جنهن تي نئين پاڪستان جي عمارت کي نئين سر اڏجڻو هو. پاڪستان جي سمورين خرابين جو پڙ بنياد اهو هو تہ هت جمهوريت ۽ لوڪ راڄ کي، عوام کي ۽ عوام جي چونڊيل نمائندن کي، صحيح بنيادن تي ڪم ڪرڻ نہ ڏنو ويو. جڏهن بہ جمهوريت جو پڙلاءُ ٿورو بہ چوڏس ڦهلجڻ تي هو، جڏهن بہ ملڪ جو عوام پنهنجي قسمت جي فيصلن ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳو، جڏهن بہ عوام جي حقن لاءِ آواز بلند ٿيڻ لڳو، تڏهن جمهوريت جا دشمن طبقا- پرمار طبقا- وڏا جاگيردار، سيٺيون، پير ۽ مذهب جا ٺرڪو نيڪيدار سازشون ڪري فوجي آمريت کي آڻڻ لاءِ سازشون ڪرڻ ٿي لڳا. ۱۹۵۴ع کان اها راند شروع ٿي؛ غلام محمد آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو. ۱۹۵۸ع ۾ جنرل ايوب خان مارشل لا آندي ۱۹۶۹ع ۾ جنرل يحيٰ مارشل لا لڳائي- يعني پاڪستان جي وجود جو گهٽي پاڱي حصو آمرن؛ فوجي راڄ جي پاڇي ۾ گذريو، ۽ پاڪستان جي عوام جا بنيادي حق-سياسي

Gul Hayat Institute

آزاديون، سماجي برابري ۽ معاشي انصاف- آپيشاهيءَ جي قدمن هيٺ چيٿاڙبا رهيا! انهن آمرن پنهنجي آپيشاهيءَ کي قائم رکڻ لاءِ ڪڏهن اسلام جو سهارو ٿي ورتو تہ ڪڏهن ملڪ کي جنگين ۾ ڦاسائي ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي!

ان جو فقط هڪڙو ئي علاج هو تہ ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني قائم ٿئي. ان لاءِ ضروري هو تہ ملڪ ۾ ڪو "آئين" هجي، جنهن تي ملڪ جي اڪثر طبقن جي يڪراءِ هجي. جناب ڀٽي پهرين ترجيح ان ڪم کي ڏني ۽ ماضيءَ جي سمورين بدعتن ۽ غلط روايتن کي ختم ڪري، ملڪ کي هڪ متفق آئين ڏيڻ جا جتن شروع ڪيا. نيٺ هڪ اهڙو آئين تيار ٿيو، جنهن تي ملڪ جا چونڊيل نمائندا سڀ جا سڀ- متفق هئا. جيتوڻيڪ ان آئين ۾ صوبن جي حقن، ۽ پاڪستان ۾ شامل قومن جي سماجي ۽ تهذيبي حقن کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ها، پر جنگ کانپوءِ وارين خاص حالتن ۾ اهو ئي مناسب سمجهيو ويو تہ في الحال اهڙو آئين تہ تيار ٿئي، جنهن تي ڪو اختلاف نہ هجي. ان ۾ پوءِ ترميمون ڪري صوبن جي حقن ۽ خودمختياري، قومن جي سماجي ۽ تهذيبي قدرن جي بچاءَ لاءِ بندوبست ڪري سگهجي ٿو. جناب ڀٽو، پارليامينٽ يعني قومي اسيمبليءَ ۽ سينيٽ ۾، ان آئين کي يڪراءِ منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ملڪ کي هو جمهوريت جو املھ ورثو ڏئي ويو. اڄ دنيا جا سمورا قانون دان

Gul Hayat Institute

۽ آئين جا ماهر اهو محسوس ڪن ٿا تہ جيتوڻيڪ ان آئين ۾ ايترا سڌاري جي ضرورت ۽ گنجائش آهي، پر ان وقت اهو بهترين آئين هو، ۽ اڄ بہ جمهوريت لاءِ هڪ بهترين بنياد آهي!

هن جو ٻيو قدم هو تعليم جي نظام ۾ انقلابي تبديلي. هن جي اچڻ کان اڳ چڱي تعليم فقط شاهوڪارن جي ٻارن لاءِ مخصوص ٿي وئي هئي. تعليم کي علم حاصل ڪرڻ جي ذريعي بدران مخصوص طبقن جي برتريءَ لاءِ استعمال ڪيو ٿي ويو، ۽ ذاتي ۽ جماعتي اسڪولن ۾، وڏيون وڏيون فيون وصول ڪري، هڪ اهڙو طبقو پئي پيدا ڪيو ويو، جيڪو فقط ٻين جا حق غصب ڪرڻ ۽ حڪمرانيءَ جا خواب ڏسندو آهي. هن تعليم کي قومي بنياد ڏيڻ لاءِ سمورا تعليمي ادارا قومي ملڪيت ۾ آندا، ۽ مفت تعليم جو نظام قائم ڪيو. هن جو اهو قدم وڏو انقلابي ۽ حالتن مطابق قدم هو، پر ذاتي مفادن ۽ ڪامورڪشاهيءَ جي چاڙتن ان جي فائدن کي عام ماڻهوءَ تائين پهچائڻ بدران ان کي هر طرح ناڪام ڪرڻ جون ڪوششون شروع ڪري ڏنيون، ۽ چاڪاڻ تہ ان ۾ وڏن وڏن واپارين ۽ سيٺين ۽ مذهبي ٺيڪيدارن جا مفاد وابستہ هئا، ۽ انهن ئي طبقن جو قبضو ملڪ جي عام راءِ جي ذريعن- يعني اخبارن تي بہ چڱو خاصو هو، ان ڪري ڪامورڪشاهي ۽ اخباري مفاد پرستن ذريعي اهڙو انتظام ڪيو، جو جناب ڀٽي جو ڪنيل قدم عوام جي فائدي بدران تعليمي معيار جي گهٽجڻ جي صورت ۾ نمودار ٿيو. هو سمجهي ويو تہ اها عوام خلاف

Gul Hayat Institute

هڪ وڏي سازش هئي، ۽ هن ان کي سڌارڻ لاءِ قدم به سوچي ورتا هئا پر تيسين هو بين الاقوامي توڙي قومي ڌاڙيلن جي سازش جو شڪار بنجي ويو!

هن جو ٽيون وڏي ۾ وڏو ۽ بنيادي سڌارو هو مزدور ۽ پورهيتن جو بچاءُ ۽ سندن زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ جو نظام! هن هڪدم ڪارخانن جي مالڪن ۽ سندن گماشتن جو اهو اختيار ختم ڪري ڇڏيو ته هو جنهن پورهيت کي چاهين، تنهن کي پورهئي ۽ نوڪريءَ کان جواب ڏيئي ڇڏين! ڪارخانن جي نفعي ۾ پورهيتن جي حق کي تسليم ڪرڻ، ۽ ڪين ملڪ جي پيداوار وڌائڻ جي ترغيب ڏيڻ لاءِ به هن بي مثال قانون لاڳو ڪيا. مزورن کي پنهنجون جماعتون ٺاهڻ، ۽ مالڪن سان ڳالهيون ڪري، پنهنجي حقن جي بچاءَ ڪرڻ جو اختيار ڏيڻ لاءِ به هن قانون لاڳو ڪيا. پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو مزور ۽ پورهيت کي اها عزت ملي، جنهن جو هو حقدار هوندي به ان کان محروم هو. پر ان ڪوشش کي ناڪام ڪرڻ لاءِ به سيٺين ۽ سندن چاڙتن ڪامورن ۽ خريد ڪيل دانشور، مذي خارج ۽ ٻاروٺن نظرين جي پرچار سان، هر ممڪن حربو آزمايو، ۽ نيٺ جناب ڀٽي جي شهادت کان پوءِ ان ۾ ڪامياب ٿيا، ۽ پورهيتن جي جماعتن تي بندش وڌي ويئي ۽ ڪارخانن جي مالڪن کي وري پورهيتن کي پورهيو نه ڏيڻ جو اختيار ڏنو ويو!

جهڙي طرح سيٺين کي پورهيتن ۽ مزورن جي زنده رهڻ يا مرڻ تي اختيار هو، تهڙي طرح جاگيردارن، سردارن ۽ زميندارن کي

Gul Hayat Institute

پنهنجي هارين ۽ زرعي مزورن جي زندگيءَ تي حق حاصل هئا. ان جو سبب اهو هو تہ هنن وٽ ايڏيون وڏيون جاگيرون، زمينداريون ۽ سَنَدون هيون، جو جيڪڏهن ڪجھ هاري يا پورهيت هليا بہ ويجن، يا زميندار کين جواب ڏيئي ڇڏي تہ زميندارن کي پرواهہ ڪانہ هئي. ان جو هڪڙو علاج هو تہ رفتہ رفتہ زميندارن جي ملڪيت جو حق گھٽايو وڃي، ۽ هارين کي وڌيڪ حق ڏنا وڃن. ان لاءِ بہ هن انقلابي قدم کنيا. هن زرعي سڌارا لاڳو ڪيا، جن مطابق ڪنهن بہ زميندار کي مقرر حد کان وڌيڪ زمين رکڻ جو حق نہ هو. هارين تي ٻج ۽ پاڻيءَ جي خرچ جي جيڪا چٽي هئي، سا بہ زميندارن تي آئي، ۽ ايئن صدين جو مدي خارج ۽ ظالمانو بٽئيءَ جو نظام تبديل ٿيو. جيڪا واڌو زمين زميندارن کان واپس ورتي هئي، سا بي زمين هارين کي مفت ورهائڻ جو قانون بہ لاڳو ڪيو ويو. ان نظام کي بہ وڏن جاگيردارن، ڪامورن کي خوب ڏوڪڙ ڪارائي، ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جا ڪنهن حد تائين ڪامياب بہ ٿي. پر هن انهن سڌارن لاءِ هڪ مستقل "لئينڊ ڪميشن" بہ مقرر ڪري ڇڏي جيڪا ان مان پيدا ٿيندڙن تنازعن ۽ مسئلن جو فيصلو ڪرڻ جي ذميوار هئي. جڏهن هن ڏٺو تہ مفادپرست هن جي زرعي سڌارن کي ناڪام بنائڻ جا سانباها ڪري رهيا هئا تہ ١٩٧٧ع ۾ هن وري ٻيو دفعو زرعي سڌارا نافذ ڪيا، جن جي ذريعي زمين جي ملڪيت جي حد هن اڃا بہ وڌيڪ گھٽائي ڇڏي. شايد اهو بہ هڪڙو سبب هو جو

Gul Hayat Institute

ٻين مفاد پرستن سان گڏ وڏا وڏا جاگيردار، پير ۽ وڏيرا بہ هن خلاف سازش ۾ شامل ٿي ويا! هن کي خبر هئي تہ اهي طبقا ضرور سندس خلاف سازشون ڪندا، ۽ سندس وجود کي ئي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ کان ڪونہ ڪيٻائيندا، پر مسڪينن ۽ بيواهن، هارين ۽ پورهيتن لاءِ هن جي محبت هن کي پنهنجي خلاف ٿيندڙ سازشن کان بي پرواهہ ڪري ڇڏيو.

هن جو چوٿون قدم هو پاڪستان جي معيشت کي صحيح رخ ۽ روايت ڏيڻ. هن ڏٺو تہ جيڪي صنعتون ۽ ڪارخانا ملڪ جي پيداواري جو پرجهلو آهن يعني ڳريون صنعتون- مثلاً اهي صنعتون جيڪي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سامان نيڻ لاءِ ٽرڪون ۽ بسون ناهڻ ۾ مصروف هيون، انهن جو سموري ملڪ جي واپار تي قبضو هو- اهي سموريون صنعتون فقط چند خاندانن ۽ ماڻهن جي گروهن کي هٿ اچي ويون هيون، ۽ هنن کي جيئن ٿي وڻيو، تيئن ٿي هن ملڪ جي معيشت کي هلايائون. هن اهو بہ ڏٺو تہ انهن صنعتن کي هلائڻ وارا ناڻي جي ادارن- بينڪن ۽ وِمي ڪمپنين جا بہ حصيدار هئا! ڇڻ تہ سموري معيشت تي، بنهہ ٿوري تعداد جي ماڻهن جو قبضو هو، جن جيئن ٿي چاهيو، تيئن ٿي ٿيو. جيڪڏهن ڪنهن صنعت کي ختم ڪرڻو هو تہ بينڪون قرض وصول ڪرڻ جي بهاني سان، ان کي هميشہ لاءِ ڏيوالي ۾ آڻڻ جا اختيار حاصل ڪري ويون هيون. انهن بينڪن ۾ تہ عام رواجي ماڻهن يعني عوام جو پئسو هو، سو خود عوام جي روزگار جي ذريعن خلاف

Gul Hayat Institute

استعمال ٿي رهيو هو!

هن وڏي محنت ڪري، ماهرن جي جماعت ڪان راءِ وٺي، هڪڙو فيصلو ڪيو، جنهن ڪي جيڪڏهن ڪاموريشاهيءَ جا نمائندا خراب نہ ڪن ها تہ اڄ پاڪستان دنيا جي انهن ملڪن ۾ شمار ٿئي ها، جتي سماجي انصاف معاشي انصاف جو بنياد بڻجندو آهي. هن بينڪون، وِيمي جي ڪمپنين جو عوامي حصو، جهاز ران ڪمپنيون ۽ وڏيون صنعتون ۽ ڪارخانا، قومي ملڪيت ۾ وٺي عوام جي ملڪيت بڻائي ڇڏيا! هي اهڙو قدم هو، جو جيڪڏهن ان تي ڪامورا ۽ ملڪ جا دانشور صحيح سوچ اختيار ڪن ها تہ اڄ پاڪستان ان حيثيت ۽ صلاحيت جو مالڪ هجي ها جو پاڪسان جو هر باشندو ملڪ جي صنعت ۽ بينڪاري، سرمائيڪاري ۽ ارتقا ۾ شامل هجي ها، ۽ اُن جا فائدا عام ماڻهوءَ کي روزگار، تعليم ۽ صحت جي ضمانت جي صورت ۾ ملن ها!

وڏن وڏن سيٺين، ڪامورن جي مفاد پرست طبقي ۽ سيٺين جي پگهاردار دانشورن ان نظام کي اهڙو خراب ڪيو جو اُن قدم جي پويان جيڪو فلسفو، جيڪو ڪارج ۽ جيڪو مقصد هو، ان ڏانهن ڪو ڏسي بہ ڪو نہ ٿو!

هڪڙو مثال ڏيڻ ئي ڪافي آهي. ان ساڳئي سلسلي ۾ جناب ڀٽي، هڪ وڏي تحقيق ڪانپوءِ اهو ڏٺو تہ دوائن ۽ علاج جي ذريعن تي فقط هڪڙو طبقو قابض آهي، جنهن ۾ گهڻائي انهن ڪمپنين جي آهي، جيڪي انهن ملڪن جون آهن جيڪي

پاڪستان جي معيشت کي پنهنجي اثر هيٺ رکڻ چاهين ٿا، جن کي عام طرح "گهڻ- قومي ڪمپنيون" (Multi national Companies) سڏيو ويندو آهي. دوائون ته هر ڪو خريد ٿو ڪري- چاهي غريب هجي يا امير- پر انهن جي قيمتن جو اثر گهڻو ڪري غريبن تي، جيڪي ملڪ جي اڪثريت آهن، وڏيڪ ٿو پوي! عام دوائون، جيڪي زندگي بچائڻ جي ڪم ٿيون اچن، تن جون قيمتون اهي ڪمپنيون مقرر ڪنديون هيون. مثلاً ڪنهن دوا جي اصل قيمت ـ سمورن خرچن ۽ ڪمپنيءَ جي نفعي سميت ـ ٻه رپيا هجي- پر بازار ۾ اها ڏهوڻي هئي يعني ويه رپيا! فقط انڪري جو ان تي ڪمپنيءَ جو نالو هو. ڀٽي صاحب هڪڙي اسڪيم ٺاهي، جنهن جو نالو ٿي هو Generic Scheme يعني عمومي اسڪيم. هن دوائن جون قيمتون دوائن جي اصلي نالن تي مقرر ڪيون ۽ نه انهن ڪمپنين جي نالن تي! نتيجو اهو ٿيو جو جيڪي دوائون ويهين رپئي وڪامنديون هيون سي ٻي رپئي ۾ وڪامڻ جون پابند ٿيون، ۽ درحقيقت وڪامڻ به لڳيون. پاڪستان جي عوام ان جي ڏاڍي آجيان ڪئي، پر وري به مفاد پرست ٽولن، انهن گهڻ-قومي ڪمپنين ۽ ڪامورن جي ملي ڀڳت ان اسڪيم کي بدنام ڪرڻ لاءِ، دوائن جي قابل عمل صلاحيت گهٽائي ڇڏي، ۽ جيڪا دوا ڪنهن مرض جي علاج لاءِ مفيد هئي، ان کي رد ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽرن نسخا ڏيڻ شروع ڪيا. سوين ڊاڪٽرن کي ان لاءِ ڳريون رقمون ڏنيون ويون ته هو اهو لکي

ڏين تہ جيسين ڪمپنيءَ جو نالو نہ هوندو، تيسين دوا اثر نہ ڪان ڪندي! ۽ اٿين "جنرڪ اسيڪم" کي ناڪام بنائڻ لاءِ ڪروڙين رپيا مفاد پرستن خرچ ڪيا!

پر سڀ کان وڌيڪ ڪامياب رٿون جناب ڀٽي پرڏيهي پاليسيءَ کي درست ڪرڻ لاءِ ٺاهيون، پاڪستان، ورهاڱي کانپوءِ پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ کي ڪنهن صحيح رستي تي هلائڻ بدران، اهڙين روايتن جو غلام بڻجي ويو، جن ڳچ عرصي تائين ان کي، بينڪي راڄ جي خرابين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. ٺين تہ ائين گهرجي ها تہ هڪ آزاد ملڪ طور، پاڪستان پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ کي آزاد ۽ خود مختيار رکي ها. مثلاً ان کي دنيا جي متضاد، ۽ هڪ ٻئي جي خلاف وڙهندڙ بلاڪن جي وچ ۾، ڪنهن هڪڙي بلاڪ کي ترجيح ڏيڻ بدران، ان کي بنه غير جانبدار ٿي، ٻنهي بلاڪن سان دوستيءَ جا ناتا قائم ڪرڻ گهرجن ها. پاڪستان جي شروعاتي دور ۾ ان جو جهڪاءُ آمريڪا طرف ٿيو ۽ آمريڪي امداد جي عيوض جهڙو ڪر ان جي پولڙيءَ جي حيثيت اختيار ڪري ويو. پوءِ جڏهن جناب ڀٽو ايوب خان جي حڪومت واري دور ۾ پهرين واپار لاءِ وزير ۽ پوءِ پرڏيهي وزير مقرر ٿيو تہ هن ان پاليسيءَ کي تبديل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا، ۽ ڪافي حد تائين ان ۾ ڦيرو آندائين، ۽ وري جڏهن پاڻ حڪومت ۾ آيو، تڏهن هن پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ کي صحتمند اصولن تي قائم ڪرڻ لاءِ هيٺيان اصول مقرر ڪيا:

Gul Hayat Institute

(۱) پاڪستان هڪ اسرندڙ ۽ ترقي پذير ملڪ آهي، ان ڪري هن ڪي ٻين ترقي پذير ۽ اسرندڙ ملڪن سان گڏجي هلڻو هو.

(۲) پاڪستان مسلم اڪثريت جو ملڪ هو، ان ڪري هن کي اسلامي ملڪن سان خصوصي لاڳاپا قائم ڪرڻا هئا.

(۳) پاڪستان جيئن ته آزاديءَ جي هلچل جي نتيجي ۾ ۽ جمهوري بنيادن تي آزاد ملڪ طور دنيا جي نقشي تي اڀريو هو، ان ڪري ان جو فرض هو ته دنيا ۾ جتي به آزاديءَ جي جدوجهد هلندڙ هئي، اتي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قومن جي حمايت ڪري ها.

(۴) پاڪستان جي ترقيءَ جو انحصار غير جانبداريءَ تي هو، ڪري ان کي ڪنهن هڪڙي بلاڪ- روس يا آمريڪا جي حمايتي بڻجڻ بدران ٻنهي طرفن لاڳاپن ۽ غير جانبداريءَ کي پنهنجو اصول بنائڻو هو.

(۵) پاڪستان کي انهن ملڪن سان دوستي وڌائڻي هئي، جن ان کي ماضيءَ ۾ دشمن خلاف حمايت ۽ امداد ڏني هئي.

ان بنياد تي پرڏيهي پاليسيءَ جي ڪري هڪ پاسي پاڪستان جا لاڳاپا روس ۽ چين سان وڌيڪ مضبوط ۽ سگهارا ٿيا، ٻئي طرف اسلامي ملڪن ۽ ٽين دنيا جي اسرندڙ ملڪن سان ٻه- طرفي بنياد تي تعلق کي اهميت ملي. جن قومن بين الاقوامي سامراج خلاف جدوجهد ٻئي ڪئي. مثلاً

Gul Hayat Institute

فلسطين، نميبيا ۽ ويتنام- تن جي حمايت ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويا. نتيجو اهو نڪتو جو هڪڙي سال اندر پاڪستان جو نالو دنيا ۾ ڳائجڻ لڳو، ۽ بين الاقوامي حلقن ۾ پاڪستان جو احترام ۽ عزت وڌڻ لڳي. جناب ڀٽو ٽين دنيا جو اڳواڻ تسليم ٿيڻ لڳو.

١٩٧٤ع ۾ جناب ڀٽي بين الاقوامي سطح تي سموري اسلامي دنيا جي ڪانفرنس لاهور ۾ ڪوٺائي، جتي ڪٽي واه واه ٿي ويئي. هڪڙي پاسي سعودي عرب جو بادشاه شاه فيصل هو، فلسطين جي آزاديءَ جو هيرو ياسر عرفات هو، لبيا جو انقلابي اڳواڻ ڪرنل معمر قذافي هو ته ٻئي طرف نئين آزاد ڪيل ملڪ جو اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان هو. بين الاقوامي اسلامي ڪانفرنس هڪ اهڙو ڪارنامو هو، جنهن جناب ڀٽي کي هڪ اهڙي حيثيت ڏيئي ڇڏي، جو هن کي نظرانداز ڪرڻ جي گنجائش سامراجين ۽ سندن حامين وٽ به نه رهي، ۽ هن جي بين الاقوامي سطح تي، اسلامي دنيا ۽ ٽين دنيا جي هڪ قابل احترام مدبر طور تسليم ڪيو ويو.

نه رڳو پاڪستان کي سموري دنيا ۾ عزت ۽ احترام مليو، پر ان جا معاشي ۽ سماجي فائدا به ظاهر ٿيڻ لڳا. پاڪستان پنهنجي غير جانبداري ثابت ڪرڻ لاءِ اهڙن سيٽي عهدنامن کي ختم ڪري ڇڏيو، جيڪي ڪيس ڪنهن هڪ بلاڪ جو حمايتي بنائڻ جو ڪارڻ هئا. پوءِ هر ملڪ پاڪستان سان اقتصادي سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. سياسي سطح

Gul Hayat Institute

تي پاڪستان کي هر هنڌ حمايت ملي ته هندستان به پاڪستان سان ٻه-طرفي بنياد تي معاملا طئي ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو. ان دور جون رڳو چند ڪاميابيون ڏسبيون ته حيرت لڳندي ته ايتري ٿوري عرصي ۾، هڪ شڪست کاڌل ملڪ، ڪيترو نه اڳتي وڌي آيو هو:

(١) هندستان سان شملا معاهدو ٿيو، جنهن جي ذريعي پاڪستان کي پنج هزار ميل ايراضي هندستاني فوج جي قبضي مان واپس ملي، ۽ سندس ٩٠ هزار قيدي آزاد ٿيا. پاڪستاني فوج جي وڏن عملدارن تي انساني قتلام جي ڏوهه ۾ مقدمي هلائڻ جي ڳالهه تان جناب ڀٽي جي ڪري هندستان ۽ بنگلاديش حڪومتن هٿ ڪڍي ڇڏيو. ڪشمير جي مسئلي تي ٻه-طرفي نموني ناهه ڪرڻ ۽ ڪو حل تلاش ڪرڻ جي ڏڪئي مسئلي تي به عهدنامو صحيح ٿي ويو.

(٢) پاڪستان اسلامي ڪانفرنس منعقد ڪري، اسلامي دنيا جي اڳواڻي حاصل ڪري ورتي، ۽ اسلامي ڪانفرنس هڪ مستقل ادارو بنجي ويو، جنهن کي هاڻ پنهنجي سيڪريٽريٽ، پنهنجي تنظيم، پنهنجي بينڪ ۽ پنهنجا ٻيا ادارا آهن، ۽ پاڪستان کي انهن سمورن ادارن ۾ خاص اهميت حاصل آهي.

(٣) روس پاڪستان کي رُڪَ جو ڪارخانو (Pakistan Steal Mill) لڳائي ڏنو، جيڪو اڄ دنيا جي اهم ترين

صنعتي ادارن مان هڪڙو آهي.

(۴) فرانس پاڪستان کي ايٽمي ميدان ۾ ترقي ڪرڻ جو حقدار سمجهي، ايٽمي ري ايڪٽر ڏيڻ جو معاهدو ڪيو.

(۵) پاڪستان ايران، ترڪي، انڊونيشيا، لبيا، فلسطين ۽ ٻين قومن جي خاص دوست جي حيثيت ۾ بين الاقوامي ادارن جو مکيه اڳواڻ بڻجي، صلاحڪار حيثيت حاصل ڪئي.

(٦) "سيٽو" (SEATO)، "سينٽو" (CENTO) ۽ "ڪامن ويلٿ" (COMMON WEALTH) مان علحدگيءَ جي ڪري، پاڪستان غير جانبدار تحريڪ جو هڪ احترام جوڳو رڪن بڻجي ويو، جنهن جي هڪ هٽي هيل تائين هندستان کي حاصل هئي.

(۷) پاڪستان کي دنيا جي هر ان ملڪ کان امداد ملڻ جي آڇ ٿيڻ لڳي، جنهن هوشياري پاڪستان سان عام رواجي لاڳاپا قائم ڪرڻ جي به ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.

(۸) بين الاقوامي ادارن- گڏيل قومن جي ادارن، ورلڊ بينڪ ۽ فنڊ ۾ پاڪستان لاءِ حمايت پيدا ٿيندي ويئي.

ان طرح پاڪستان سموري دنيا ۾ پنهنجي نئين وجود جي صورت ۾، نه رڳو پنهنجي حيثيت مڃارائڻ لڳو، پر جتي ڪٿي پاڪستان جو نالو ـــ ۽ ان جي نتيجي طور جناب ڀٽي جو نالو

Gul Hayat Institute

ـ ڳانڍاپي ۽ سهارو ملڻ لڳو. ان مان پاڪستان کي ته گهڻو ئي فائدو پهتو، پر جناب ڀٽي لاءِ خطرا ۽ جوکم پيدا ٿيڻ لڳا. بين الاقوامي سامراج کي سندس اهو ڪردار تمام ڏکيو لڳو. بلڪ هنن اهو سمجهيو ته جناب ڀٽي جيڪي مثال قائم ڪيا آهن، تن تي جيڪڏهن دنيا جا ٻيا اسرندڙ ملڪ هليا ته پوءِ اولهه جي ملڪن جي هٿ-هٺي ۽ حاڪميت ختم ٿيڻ لڳندي، ڇاڪاڻ ته انهن ملڪن ۾ پنهنجي حالت ۽ حيثيت، ۽ اولهه جي ملڪن جي چالبازين جي ساڃهه پيدا ٿي ويندي، ۽ هو غلاميءَ جا زنجير ٽوڙڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳندا. ان جو اندازو هنن کي پاڪستان جي ماڻهن ۾ پيدا ٿيندڙ سجاڳيءَ مان ٿيڻ لڳو. تعليم کي عام ۽ مفت ڪرڻ سان ماڻهن ۾ علم جي روشني ڦهلجڻ لڳي ته ماڻهن هر انهيءَ غلاميءَ خلاف سوچڻ ۽ پنهنجي خيالن کي ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو، جن بابت هنن اڳي ڪڏهن به ڪونه سوچيو هو. خاص ڪري نوجوانن لاءِ نت نوان اظهار ۽ عمل جا ذريعا پيدا ٿيا ته هڪڙي پاسي علم، تحقيق، سائنس، هنرن ۽ فن کي ترقي ملڻ لڳي ته ٻئي پاسي منجهن تجسس، ڳولا ۽ تجربا ڪرڻ جي قابليت ۽ اهليت پيدا ٿيڻ لڳي. بي روزگاريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ جناب ڀٽي NDVP يعني قومي ترقيءَ لاءِ والنٽيئر پروگرام شروع ڪيو، جنهن تحت بي روزگار نوجوانن خودبخود پاڻ کي رجسٽر ڪرائي قومي بهبوديءَ جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائڻ شروع ڪيو. حڪومت هنن کي هڪڙو مقرر وظيفو به ڏيندي هئي، ۽

Gul Hayat Institute

جيئن ئي ڪٿي ڪنهن ڪارخاني يا ڪاتي ۾ ڪا نوڪري خالي ٿيندي هئي تہ اتي اهڙن نوجوانن کي نوڪري بہ ملي ويندي هئي. ان پروگرام تحت هڪ طرف نوجوانن کي "بي روزگاري الائونس" ملڻ لڳو، ٻئي طرف منجهن قومي خدمت جو جذبو اجاگر ٿيو. تہ ٽئين طرف سماجي شعبن ۾ عام ماڻهن جي شراڪت جو جذبو وڌڻ لڳو. ان طرح هزارين نوجوان، بيڪار مکيون مارڻ بدران، ڪنهن چڱي ڪم ڪار سان لڳي ويا. مثلاً هزارين جوانن بالغن کي تعليم ڏيئي، علم جي روشني ڦهلائڻ لڳا. سماجي شعبن ۾ ماڻهن کي صحت، صفائي ۽ اهڙن ٻين شعبن ۾ سهولتون ملڻ لڳيون. ان ڪانسواءِ راندين، هنرن، راڳ، چترڪاري، مجسمي سازي ۽ اهڙن ٻين فنون لطيفہ ۾ نوجوانن کي نئون شعور ملڻ لڳو، نتيجو اهو ٿيو جو زندگيءَ جي هر شعبي ۾ علم، ڄاڻ ۽ شعور جي روشني ڦهلجڻ لڳي، ۽ نوجوان طبقو غلط قسم جي عادتن ۽ وندرن جي بدران صحتمند لاڙن ڏانهن ڏيان ڏيڻ لڳو. علم جي روشنيءَ سان گڏ سماجي ذميواريءَ جو احساس جڏهن اجاگر ٿيڻ لڳو تہ خودبخود، حڪومت جي ٻڌائڻ بنان، عام ماڻهن ۾ اها سوچ اڀرڻ لڳي تہ اصل حقيقت ڇا آهي؟ تہ ڪيئن بين الاقوامي سامراج پنهنجي حمايتي طبقن- سيٺين، جاگيردارن ۽ پيرن مرشدن- جي ذريعي ڪيئن پاڪستان ۽ ان جي عام ماڻهن کي هر شعبي ۾ پوئتي رکڻ لاءِ نت نيون چالبازيون گهڙيندا رهيا آهن، ۽ نوجوانن کي غلط ۽ نقصانڪار ڳالهين ۾ ڦاسائي ڪيئن ناڪاره ۽ عيش پسند

ڪسنجر طرفان، پاڪستان جي ائٽمي پروگرام خلاف، بيان ۾ ڪيو تہ "اسين ڀٽي سان اهڙي تمدي ڪنداسون، جو ٻين لاءِ عبرت جو مثال ٿي پوندو!" ٽيو اِيئن جو جناب ڀٽي پاڪستان کي سائنسي ترقيءَ جي راهہ تي اڳتي وڌائڻ لاءِ فرانس سان ايٽمي ري ايڪٽر جو سودو ڪيو تہ جيئن پاڪستان ايٽمي قوت سان بجلي پيدا ڪرڻ ۾ خودڪفيل ٿي سگهي. ان پروگرام تحت هڪڙو تڪڙو ۽ نهايت برجستو پروگرام رٿيو ويو هو تہ جيئن پاڪستان جا نوجوان سائنسدان جديد سائنسي تحقيق ۾ دنيا جي ٻين سائنسدانن سان گڏجي اهڙو بنيادي علم حاصل ڪن جو آئندي پاڪستان کي ٻاهرين ماهرن جي ضرورت نہ پوي. نتيجو اهو ٿيو جو ٿوري ئي وقت ۾ تعليم ۽ تربيت جي موقعي ملڻ سان ملڪي سائنسدانن ايتري ترقي ڪئي، ايتري تحقيق جا مثال قائم ڪيا جو سموري دنيا ۾ ان جو چوٻول شروع ٿي ويو، ۽ جڏهن فرانس سان "ايٽمي پلانٽ" جو سودو ٿيو تہ اها ڳالهہ مشهور ڪئي ويئي تہ ايٽمي سگهہ حاصل ڪرڻ مان جناب ڀٽي جو اصل مطلب آهي سموري اسلامي دنيا لاءِ ائٽم بم ٺاهڻ! ان پروپيگنڊا کي ايترو تہ وڌايو ويو جو مشهور اهو ٿيو تہ جناب ڀٽو "اسلامي بم" پيو ٺاهي، تہ جيئن سموري اسلامي دنيا ــــ ۽ خاص ڪري فلسطين وارا اسرائيل جي خلاف، فلسطين جي آزاديءَ لاءِ اهو ائٽم بم استعمال ڪندا! بين الاقوامي سامراج، پنهنجي پگهاردار اخباري دانشورن ۽ ڪالم نگارن

Gul Hayat Institute

جي ذريعي، ايتري تہ پروپيگنڊا شروع ڪئي جو خود پاڪستان جا دوست ملڪ بہ ان پروپيگنڊا کان متاثر ٿيڻ لڳا. جڏهن هينري ڪسنجر ۱۹۷٦ع ۾ پاڪستان آيو، تڏهن هن سان ڳالهين ٻولهين ۾ اهو ثابت ڪيو ويو تہ اها سموري پروپيگنڊا غلط هئي. پاڪستان تہ رڳو سائنسي ترقي ۽ بجليءَ جي پيداوار لاءِ ائٽمي سگهہ حاصل ڪرڻ جي اهليت حاصل ڪري رهيو هو. پر هڪ ڀيري جڏهن بين الاقوامي سامراج ڪو فيصلو ڪندو آهي تہ ان کي بدلائڻ جو امڪان خيرڪو هوندو آهي. هُنَ اهو فيصلو ڪيو تہ ڀٽي کي شڪست ڏيڻ لاءِ روايتي طريقا استعمال ڪونہ ڪري سگهبا، يعني هن کي جمهوري طريقي سان چونڊن ۾ شڪست ڏيڻ ناممڪن هو ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهو، غريب، مسڪين، پورهيت ۽ هاري هن جا شيدائي هئا، ۽ ڪنهن بہ ڏتي ۾ ڪونہ ايندا، ۽ ووٽ وري بہ ڀٽي کي ڏيندا. ان ڪري هنن روايتي طريقي کان هٽي ٽن قوتن کي ڀٽي صاحب جي خلاف تيار ڪيو. فوج، ملان ۽ مذهبي ٽولي فرقي پرست ۽ پاڪستان جي دشمن طرفان پيدا ڪيل تعصبي ٽولا. هڪ نهايت وسيع ۽ اونهي سازش تيار ڪئي ويئي، جنهن ۾ دولت ۽ ناڻي جي ايتري تہ ورهاست ٿي جو هڪڙو وقت اهڙو بہ آيو جو آمريڪي ڊالر پاڪستاني رپئي کان وڌيڪ سستو ٿي پيو. جڏهن ۱۹۷۷ع ملڪ ۾ عام چونڊن جو اعلان ٿيو تہ انهيءَ دولت ۽ ناڻي جي آڌار تي، جمهوريت جي مخالف ڌرين، جناب

Gul Hayat Institute

ڀٽي ۽ سندس پارٽيءَ خلاف زبردست پروپيگنڊا شروع ڪري ڏني. ساڳئي وقت خود جناب ڀٽي جي پارٽيءَ جي ڪن اقتدار جي بکين وڏيرن ۽ چوڌرين کي هنن وڏيون لالچون ڏيئي پنهنجي پاسي ڪري ورتو ۽ هو ڳجهه ڳوهه ۾ جناب ڀٽي خلاف سازشن ۾ شامل ٿي ويا. جناب ڀٽي ۽ سندس خاندان خلاف اخلاق کان ڪريل پمفليٽ ۽ پوسٽر ڀتين تي چنبڙايا ويا. گهڻو ڪري سموريون اخبارون، ڪنهن ڳجهي هٿ جي اشاري تي، جناب ڀٽي ۽ سندس پارٽيءَ خلاف، نت نوان مضمون ۽ مقالا شايع ڪرڻ لڳيون، جن اهي مضمون لکيا، انهن کي لکڻ ربيا معاوضو مليو، ۽ جڏهن جناب ڀٽي خلاف سازش ڪامياب ٿي وئي تہ انهن کي ايندڙ حڪومت وڏيون وڏيون نوڪريون ۽ عهدا، پرمٽون ۽ پيا فائدا دل کولي ڏنا. سڀ کان وڏي مهم اها هئي تہ جناب ڀٽي جو سوشلزم اسلام لاءِ وڏو خطرو هو. پئسن تي وڪامندڙ مولوين ۽ مفتين فتوائون ڏنيون تہ جناب ڀٽي ۽ سندس پارٽيءَ کي ووٽ ڏيندڙ ڪافر بڻجي ويندا، ڇاڪاڻ تہ ڀٽي ۽ پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏيڻ معنيٰ اسلام خلاف ووٽ ڏيڻ.

پر ملڪ جي عام ماڻهن جي اڪثريت انهيءَ ڳالهہ، دوکي ۽ دولاب کي سمجهي ويئي. هنن کي جناب ڀٽي جيڪا آزادي، عزت نفس ۽ خوشحالي ڏني هئي ۽ ڪين هڪ بهتر آئيندي جا خواب ڏنا هئا، جن کي سچو ڪري ڏيکارڻ ممڪن پئي لڳو، تنهن هنن کي پاڻ اڳي کان بہ وڌيڪ جناب ڀٽي جو شيدائي

Gul Hayat Institute

بنائي ڇڏيو. جڏهن اليڪشنون ٿيون، تڏهن جناب ڀٽي ۽ سندس پارٽيءَ اڪثر سيٽن تي ڪٽڻ شروع ڪيو. مخالفن جا سمورا اُسنا ابتا ٿيڻ لڳا، تڏهن هنن جمهوريت جي دشمنن سان ساز باز ڪري، پنهنجن ٻاهرين آقائن جي مدد سان، ڪن ٿورن انفرادي تڪن ۾ ٿيل بي قاعدگين کي بهانو بنائي، هڪ تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو. بهانو اهو بنايائون ته پيپلزپارٽي چونڊن ۾ "ڌانڌلي" ڪئي آهي. پر حيرت اها آهي ته ڳاله چونڊن جي هئي ته ان لاءِ عدالتن ۽ اليڪشن ڪميشن وٽ دانهين ٿيڻ بدران، هنن جلوس ڪڍڻ شروع ڪيا، ڀن جا ڏماڪا ڪرڻ شروع ڪيا، ۽ تحريڪ کي نالو ئي ڏنائون "تحريڪ نظام مصطفيٰ"! يعني چونڊن جي ناليءَ ۾ احتجاج کي هنن وري بہ مذهبي رنگ ڏيڻ شروع ڪيو. ان جي اڳواڻي جماعت اسلاميءَ جي هٿن ۾ هئي، جن وري ڪراچيءَ ۾ ان ڳاله کي نسلي رنگ ڏيڻ شروع ڪيو، ڇاڪاڻ تہ جناب ڀٽو سنڌي هو، ان ڪري جيڪي سنڌي نہ هئا، تن کي هن خلاف مورچو، قائم ڪرڻ گهرجي. اهو هو پاڪستانَ ۾ نسل پرستيءَ جي بنياد تي دهشت گرديءَ جو پهريون بنيادي مورچو، جنهن اڳتي هلي هڪ باقاعدي خونريز فسادي صورت اختيار ڪئي! اڄ جڏهن تاريخ جون حقيقتون منظر عام تي آيون آهن، تن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ان جي رٿابندي ١٩٧٦ع کان پاڪستان کان ٻاهر بين الاقوامي، سامراج جي ڳڙهہ يعني آمريڪا ۾ مڪمل ٿي چڪي هئي. هنن پاڪستاني فوج ۾

Gul Hayat Institute

پنهنجي ڪجھ خاص گماشتن ۽ چاڙتن کي جناب ڀٽي جو تختو ڪيڻ ۽ حڪومت تي قبضو ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هو. انهن جي لاءِ ٻاهريون ٻنو اهو هو تہ جناب ڀٽي خلاف عوام تحريڪ هلائي رهيو هو، ۽ ملڪ ۾ گهرو لڙائي واري صورتحال پيدا ٿي پئي هئي! ان لاءِ جماعت اسلاميءَ ڪانسواءِ هنن ڪيترن سياستدانن کي بي انداز دولت ڏئي ڇڏي هئي. خود پاڪستان پيپلزپارٽيءَ اندر، هنن ڀٽي صاحب جي ڪن ويجهن ساٿين کي مختلف آڇون ڪري، پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو هو. انهن مان ڪن کي تہ خود آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي بينڪن جي خاص ڳجهن کاتن ذريعي بي انداز دولت ڏني ويئي، جن مان ڪن تہ پوءِ باقاعدي اتي پنهنجا ڪاروبار، مال جا واڙا (Ranches) ۽ فارم قائم ڪيا!

انهيءَ سازش هيٺ ويجهي هنڌ ڪيو، دهشتگردن جون جماعتون ٺاهيون ويون، جن کي خوب هٿيار ۽ بارود ڏنو ويو. خاص ڪري ڪراچيءَ ۾! جلوس ۾ شريڪ ٿيندڙن کي روزانو في ماڻهو سوين رپيا ملندا هئا! ڪراچيءَ جي بازار ۾ ڊالر پڳڙن جي مٺ تي ملندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ادائگي ڊالرن ۾ ٿيندي هئي، ۽ ماڻهو پاڪستاني رپين لاءِ اهي ڊالر سستا وڪڻي ڇڏيندا هئا! جڏهن هنن باقاعدي رٿابنديءَ سان فساد ڦهلائڻ، بم جا ڌماڪا ڪرڻ، سرڪاري ۽ شخصي ملڪيتن کي باهيون ڏيڻ شروع ڪيون، تڏهن حڪومت ڪن شهرن ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ فوج کي گهرايو. پر فوج جي گشت

Gul Hayat Institute

هوندي بہ فسادي پنهنجو ڪم ڪندا رهيا. ڪرفيو لڳندو هو تہ بہ جلوس پيا نڪرندا هئا، سرڪاري ڪارخانن، بينڪن وغيره کي باهيون لڳنديون هيون ۽ ڪنهن اڻاتي سبب ڪان فوجي ڪجھ نہ ڪري سگهندا هئا. نيٺ انساني جانين جي زيان جي سهاري سازش ڪامياب ٿيڻ لڳي. جناب ڀٽي مخالف ڌر کي ڳالهين جي دعوت ڏني تہ جيئن ملڪ کي خونريزيءَ کان بچائجي، ڇاڪاڻ تہ جناب ڀٽي لاءِ انساني زندگي ۽ خاص ڪري پنهنجي ملڪ جي عوام جي زندگيءَ کي سڀ کان وڏي اهميت هئي.

مخالف ڌر سان ڳالهين جي نتيجي ۾ هڪڙو ناهہ ٿيو، جنهن هيٺ جناب ڀٽي ڀيهر چونڊون ڪرائڻ قبول ڪيو، ۽ مخالف ڌر جون سموريون گهرجون پوريون ڪرڻ جو ناهہ ڪيو. اها چوٿين جولاءِ ١٩٧٧ع جي تاريخ هئي، جڏهن اهو معاهدو ٿيو. پر پاڪستان جي دشمنن ۽ بين الاقوامي سامراجين کي اڃي ڏپ ورايو تہ هي موقعو ٿو هٿان وڃي، سو هڪدم فوج ۾ پنهنجي مخصوص گماشتن جي ٽولي کي اشارو ڏنائون. پوءِ ٥ جولاءِ ١٩٧٧ع تي، جڏهن پاڪستان جو عوام صلح ۽ مفاهمت جون خبرون ٻڌي آرام جي ننڊ ڪري رهيو هو، تڏهن ان مخصوص ٽولي، ڪمانڊر ان چيف جنرل ضياءالحق جي اڳواڻيءَ ۾، جمهوريت ۽ پاڪستان تي راتاهو ڏنو، ۽ ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪري، اقتدار پنهنجي قبضي ۾ آندو.

شروع شروع ۾ ريٽابنديءَ هيٺ، جنرل ضياءالحق اعلان

Gul Hayat Institute

ڪيو ته هن اقتدار تي قبضو رکيو ملڪ کي گهرو لڙائيءَ کان بچائڻ لاءِ ڪيو هو، ۽ نوي ڏينهن اندر چونڊون ڪرائي، فوج وري بئرڪن ۾ هلي ويندي! ٻاهريون ڀنو رکڻ لاءِ هن جناب ڀٽي کي نظربند ڪرڻ سان گڏ ڪجھ مخالف ڌر جي اڳواڻن کي به نظربند ڪري ورتو! پر هن جو اصل مقصد ته اهوهو ته ڪيئن به ڪري جناب ڀٽي کي ختم ڪجي. پاڪستان جي عوام ۾ جيڪا روشن خيالي ۽ بين الاقوامي سامراج خلاف آگاهي پيدا ٿي هئي، ان جي نرڙيءَ تي نهن ڏجي. بظاهر هن چونڊن جو پروگرام به ڏيئي ڇڏيو، پر اندران ئي اندران هڪ خوفناڪ سازش تيار ڪيائين، جنهن جو مول مقصد جناب ڀٽي کي قتل ڪرڻ هو. سندو سنئون مٿس هٿ وجهڻ معنيٰ پاڪستاني عوام جي غضب کي دعوت ڏيڻ هو. ان ڪري هن نهايت چالاڪيءَ سان پهرين جناب ڀٽي کي چونڊن جي اعلان تي آزاد ڪري ڇڏيو. جڏهن هو آزاد ٿيو، تڏهن سموري دنيا جي حيرت جي حد نه رهي جو هن ڏٺو ته پاڪستان جو عوام ته هن جو اڳي کان به وڌيڪ شيدائي ٿي پيو هو، جو هو جيڏانهن ٿي ويو، تيڏانهن ماڻهن جا هشام ايترا ته گڏ ٿي ٿيا جو هو جڏهن اقتدار ۾ هو، تڏهن به ايترا ماڻهو ڪونه گڏ ٿيندا هئا. عوامي تحريڪ جڙ ٺئين سر جناب ڀٽي جي اڳواڻيءَ ۾، سراڻ تي چڙهي، وڌيڪ تيز ۽ تکي ٿي ويئي.

جنرل ضيا ۽ سندس ٽولو پريشان ٿي ويا، ۽ هن هڪدم هڪ سازش تيار ڪرائي، جناب ڀٽي کي خون جي هڪڙي

Gul Hayat Institute

ڪوڙي ڪيس ۾ وري گرفتار ڪيو. هڪ ٻاسي چوندڻ جو چوپول هو تہ ٻئي ٻاسي جناب ڀٽي کي مارڻ جا سانباها هڻا. جناب ڀٽي عدالتن جا ڪڙا ڪڙڪايا. لاهور جي هڪ فاضل جج جناب صمدانيءَ هن کي ضمانت تي آزاد ڪري ڇڏيو. ان ڳالھ لاءِ جنرل ضيا بلڪل تيار ڪونہ هو. هڪڙي جج جي اها همت جو هن کي آزاد ڪري ڇڏي، نيٺ هن سمورن اخلاقي ۽ قانون قدرن کي پويان اڇلائيندي جناب ڀٽي کي وري مارشل لا قانون تحت گرفتار ڪرڻ لاءِ پنهنجا فوجي "ڪمانڊوز" موڪليا. انهن "ڪمانڊوز" جهڙيءَ ريت انساني قدرن کي پائمال ڪيو، ان جو مثال چنيگز ۽ هلاڪوءَ جي تاتارين وٽ بہ ڪونہ ملندو. هنن جناب ڀٽي جي گهر ۾ بيگاھ وقت ۾ گهڙي، بيگم نصرت ڀٽو ۽ سندس ٻارن کي ايترو دهشت زده ڪيو، ۽ سموري بنگلي ۾ ايتري تہ تباهي مچائي جو اڄ دنيا جا مورخ ان تي عجب ٿا کائين.

جناب ڀٽي کي گرفتار ڪري، مٿس هڪ عام ڏوهاريءَ جيئن خون جو ڪيس هلايو ويو. اهو ٻڌايو ويو تہ ڪجھ سال اڳ جناب ڀٽي جي هشيءَ تي ڪن ماڻهن هڪڙي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر جي پيءَ کي مارائي ڇڏيو هو. ان ڪيس کي عام رواجي عدالت بدران لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ منتقل ڪيو ويو، جنهن جو چيف جسٽس جناب ڀٽي لاءِ نفرت جو نہ رڳو علي اعلان اظهار ڪندو هو، پر جنهن کي جناب ڀٽي سان، سندس نوڪريءَ جي سلسلي ۾ خاص شڪايت ۽ عداوت

Gul Hayat Institute

هئي. ڪيس هليو، ڪُوڙادو شاهد، ڪُوڙادو دستاويز ۽ سموري حڪومت جا ذريعا جناب ڀٽي جي خلاف استعمال ٿيا. سري لنڪا جي هڪ جج جي چوائي ته "لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جناب ڀٽي خلاف جهڙي نموني ڪيس هليو ۽ جهڙي طرح هنکي موت جي سزا ڏني ويئي، سو انساني تاريخ ۾ خاص ڪري انصاف جي تاريخ جو هڪ وڏو الميو ۽ سانحو آهي." ۽ ايئن جناب ڀٽي جي زندگيءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش تڪميل تي پهتي.

لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف پاڪستان جي اعليٰ ترين عدالت ۾ اپيل داخل ٿي. حڪومت کي اڳي اهو خوف ٿيو ته متان ڪيس ڪوڙي هجڻ جي ڪري جناب ڀٽو ڇٽي وڃي، ان ڪري هن اڳي به سمورا انتظام ڪري ڇڏيا. جناب ڀٽي ان عدالت اڳيان جيڪو بچاءُ جو دستاويز پيش ڪيو، اهو سموري دنيا ۾ هڪ اهم سياسي ۽ قانوني دستاويز جو درجو حاصل ڪري ويو آهي. ان زماني ۾ ٻاهرين دنيا ۾ جناب ڀٽي جي مقدمي کي عام رواجي مقدمي طور پيش ڪرڻ ۽ هن خلاف پروپيگنڊا جو ايترو ته انتظام ڪيو، جو هڪڙي صحافي جي چوائيءَ "ايئن ٿي محسوس ٿيو ڄڻ ته پاڪستان کي دنيا ۾ ٻيو ڪو مسئلو ئي درپيش نه هو، سواءِ جناب ڀٽي کي ڦاسي ڏيڻ جي."

ٿيو به ايئن! جنرل ضياالحق پنهنجي حرفت ۾ ڪامياب ٿيو. مقدمو هلندي هلندي هڪڙي جج جي رٽائرمينٽ ٿي ويئي.

Gul Hayat Institute

هڪڙو بيمار ٿي پيو، ۽ هن کي عدالت ۾ ويهڻ کان روڪڻ لاءِ باقاعدي ميڊيڪل بورڊ کان سَند ورتي ويئي ڇاڪاڻ تہ جنرل ضيا کي اهو شڪ هو تہ اهي ٻئي جج ڪوڙي ڪيس ۾ جناب ڀٽي جي اپيل منظور ڪندا. باقي ستن ججن مان چئن ججن جناب ڀٽي جي ڦاسيءَ جي سزا برقرار رکي ۽ ٽن ججن هن کي باعزت بري ڪرڻ جو حڪم ڪيو. اها عجيب اتفاقي واردات آهي تہ جن چئن ججن جناب ڀٽي خلاف فيصلو ڏنو، سي سڀ پنجاب جا هئا ۽ جن ٽن جناب ڀٽي جي فائدي ۾ فيصلو ڏنو، سي پنجاب جا ڪونہ هئا! اهو بہ عجيب اتفاق چئبو تہ ان وقت ملڪ جي اعليٰ ترين عدالت ۾ هڪڙو بہ سنڌي جج ڪونہ هو.

سپريم ڪورٽ جڏهن جناب ڀٽي کي لاهور هاءِ ڪورٽ طرفان ڏنل ڦاسيءَ جي سزا برقرار قرار ڏني تہ پاڪستان جي مسڪين ماڻهن جي دل کي جهوٻو اچي ويو ممڪن هو تہ اهو جهوٻو هڪ تحريڪ جي صورت ۾ پاڪستان جي عدالتي توڙي انتظامي نظام کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏي ها. ان جي هڪڙي جهلڪ رڳو اها ئي ڪافي آهي تہ ڪيترن ئي ڀٽي صاحب جي متوالن اهو فيصلو ٻڌي پاڻ کي باھ ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيو. جنرل ضيا اتي وري نئين کيڏ کيڏيو. جناب ڀٽي جا اهي ساٿي، جن کي بين الاقوامي سامراج اڳي ئي خريد ڪري ڇڏيو هو، تن کي اهو حڪم مليو تہ عوام کي عدالت جي فيصلي خلاف تحريڪ کان باز رکڻ لاءِ جوڳو بندوبست

ڪن. نتيجو اهو ٿيو جو يا تہ اهي همراہ ماٺ ڪري ويهي رهيا، ڪي تہ جنرل ضيا وٽ هلي ويا تہ جناب ڀٽي کي هڪدم ڦاسي ڏني وڃي نہ تہ ماڻهو الائي ڇا ڪندا، ۽ ڪي وري عام ماڻهن جو ڏيان هٽائڻ لاءِ ڪين اهي آسرا ڏيڻ لڳا تہ جنرل ضيا کي جناب ڀٽي کي ڦاسي ڏيڻ جي همٿ ئي ڪانہ ٿيندي، ڇو تہ دنيا جي هر ملڪ جي سربراہ جنرل ضيا کي لکي موڪليو آهي، ۽ سندس جان بخشيءَ جي اپيل ڪئي آهي. ۽ جيڪڏهن عوام ڪو هنگامو ڪيو تہ ان جو اثر خراب ٿيندو! هنن ماڻهن کي ايلاز ڪري، ماٺ ڪري ويهي رهڻ جو مشورو ڏنو.

نتيجو اهو ٿيو تہ پاڪستان جو هر دلعزيز وزيراعظم جنهن لاءِ هر مسڪين ماڻهوءَ کي محبت، عزت ۽ همدردي هئي، جنهن لاءِ اقوام متحده جي ١٥۴ ملڪن جي سربراهن مان اڪثريت سندس جان بخشيءَ جي لاءِ جنرل ضيا کي تارون ڪيون، ذاتي خط لکيا، ٽيليفون ڪيا، ۽ اخبارن ۾ بيان ڏنا. جنهن ٽٽل پاڪستان کي وري پاڪستان بڻايو- هڪ جمهوري، ترقي پسند، عزت نفس رکندڙ ملڪ بڻايو، تنهن جي ڦاسيءَ جي سزا برقرار رهي. ۽ پوءِ ۴ اپريل ١٩٧٩ع جو اهو تاريخ جو منحوس ترين ڏينهن اڀريو، جڏهن رات جي اونداهيءَ ۾، جنرل ضيا جي حڪم تي جناب ڀٽي جي زندگيءَ جو ڏيئو گل ڪيو ويو. ڪي چون ٿا تہ هنکي ڦاسيءَ جي سرڪاهيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ کان اڳ ئي مٿس تشدد ڪري ڪيس ماريو ويو ۽ سندس لاش کي ڦاسي ڏني ويئي، تہ

ڪي چون ٿا تہ هن مرڪندي، ڦاهيءَ جي ڦندي کي چمندي
اهي لفظ چيا تہ "آءٌ سنڌ جي رڻ جو رهواسي آهيان، جتي جا ماڻهو
موت کان نہ ڊڄندا آهن! جتي جا ماڻهو هزارين ورهين کان هن
قسم جو ظلم سهندا آيا آهن. آءٌ بہ ان روايت کي چمندي شهيد
مخدوم بلاول ۽ شهيد شاهہ عنايت وانگر پنهنجي وطن جي
ماڻهن خاطر قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهيان. مونکي ڦاهيءَ جي ٿياس
ڏانهن وٺي هلو، متان دير ٿي وڃي."

چوٿين اپريل ١٩٧٩ع تاريخ جو منحوس ترين ڏينهن هو،
جنهن سنڌ کان، پاڪستان کان، ايشيا کان، بلڪ دنيا کان
هڪ عظيم انسان، هڪ ڏاهو انسان کسي ورتو. پاڪستان
جي پيڙهيل انسانن، ۽ خاص ڪري سنڌ جي ڏتڙيل ماڻهن ايئن
سمجهيو تہ سندن سهاري جي لٺ ڪسجي ويئي، سندن آئيندي
جو آسرو ڪسجي ويو. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، هر وسنئن ۽ واهڻ
۾، هر گليءَ گهٽيءَ ۾، هر محلي ۾ پاڙي ۾، هر گهر ۾ ماتم متل
هو. ڪو گهر ڪونہ هو، جتي ڪٽني چڙهي هجي، چلهہ ٻري
هجي، هر ڪو ايئن پيو سمجهي جڻ تہ هن جو ڪو بنهہ پنهنجو
ويجهو عزيز گذاري ويو هجي.

اها ئي حالت پنجاب جي اڪثر ڳوٺن ۾ هئي، شهرن ۾ هئي.
سرحد ۽ بلوچستان جي سنگ لاخ وادين ۾ بہ ماتم ڇانئجي
ويو. پر سنڌ ۾ تہ ان کي بنهہ ذاتي، بنهہ شخصي، خانداني صدمو ۽
سوڳ سمجهيو ويو. سموري سنڌ اداس هئي. جيڪي سنڌي
هن جا مخالف هئا تن کي بہ اکين ۾ آب هو. آخر سموري سنڌ



Gul Hayat Institute

ايتري اداس، ايتري مايوس ڇو هئي؟ ذوالفقار علي ڀٽو هنن جو ڇا ٿئي؟ هنن جو هن سان ڪهڙو رشتو هو؟ ڪي ڪي رشتا اهڙا بہ ٿيندا آهن، جيڪي رت کان بہ وڌيڪ ويجها ٿي ويندا آهن، جيڪي احساس ۽ جذبن جو حصو بنجي ويندا آهن. هنن جو هن سان اهڙو ئي ڪو رشتو ناتو هو، جيڪو رت جي رشتن کان وڌيڪ ويجهو هو، جيڪو خانداني رشتن کان بالاتر هو! هي تہ روحاني رشتو هو، جيڪو ڏکن سورن ۽ دردن جي شراڪت جي ڪري پيدا ٿيو هو!

ذوالفقار علي ڀٽي سمورن مسڪينن، ڏتڙيل هارين نارين ۽ پورهيتن جا ڏک سور ۽ زندگيءَ جي عذابن کي پنهنجا ڏک، سور ۽ عذاب سمجهيو هو، انهن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيو هو. اهو درد جي شراڪت جو رشتو، روحاني رشتن کي جنم ڏيندو آهي. انهن ڏکن سورن ۽ عذابن جي رشتن کي هاڻ ذوالفقار علي ڀٽي جي رت سيراب ڪري ڇڏيو هو، هن جي شهادت رڳو هڪڙي شخص جي شهادت نہ هئي، پر تاريخ جي شهادت هئي. اهو ئي سبب هو، جو ماڻهن پنهنجي پاڻ سان اهو قول ڪري ڇڏيو تہ هو فوجي آمريت اڳيان ڪڏهن سر نہ جهڪائيندا، آڻ نہ مڃيندا، ۽ ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي رت سان جيڪا راهہ، جيڪو رستو روشن ڪيو هو، ان رستي تي هلي هو، ضرور غلاميءَ مان، آپيشاهيءَ مان، آمريت مان جند آزاد ڪندا.

ان راهہ تي هلي هزارين ماڻهن پنهنجو الہ تلہ قربان ڪري ڇڏيو. هزارين ماڻهو ڦاسيون کائي ويا. هزارين ماڻهن ڪوڙا

۽ ڦٽڪا ڪاڍا. هزارين ماڻهن آمريت اڳيان سينو ساهڻ جي روايت قائم ڪئي. ١٩٨٣ع ۾ جڏهن سنڌ اٿل ڪاڍي، تہ فوجي آمرن سنڌ جا سوين ڳوٺ بمباري ڪري ساڙي ڇڏيا، سوين انسانن کي پنهنجي وحشي آپيشاهيءَ جي تينڪن هيٺان چيڀاٽي ڇڏيو! هڪڙي پاسي ڦاسين جا تياس هئا، ٻئي پاسي جيلن ۽ زندانن ۾ هزارين ماڻهو بند ڪيا ويا. ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت ڪانپوءِ، هن جي سموري خاندان کي ختم ڪرڻ جي پويان پئجي ويا. سندس گهر واري بيگم نصرت ڀٽي تي ايترو ذهني ۽ جسماني تشدد ڪيو ويو، جو هوءَ مرڻ ڪنڌيءَ تي پهچي ويئي. سندس نياڻي بينظير تي مختلف جيلن ۾ هر قسم جي تڪليف ۽ تشدد آزمايو ويو. هن جي هڪڙي پٽ شاهنواز کي وڏي چالاڪي ۽ حرفت سان پرڏيہ ۾ زهر ڏئي ماريو ويو. پر جيئن جيئن ظلم وڌندو ويو، تيئن تيئن ملڪ جي ماڻهن ڀٽي جو نالو وڏيڪ ٿي ڪنيو.

جنرل ضيا ۽ سندس ساٿارين کي اهو سمجه ۾ نٿي آيو تہ هي ڇا ٿي رهيو هو. هن جيترو ٿي ڀٽي جي نالي کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي، اوترو ئي هن جو نالو وڌيڪ زور سان ٻرڻ لڳو. هڪڙي يورپي اخبار نويس چواڻي "جيترو ٿي جنرل ضيا ڀٽي کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اوترو ٿي ماڻهن هن جي حق ۾ نعرا هنيا."

ڏهين اپريل ١٩٨٦ع ۾ جڏهن سندس نياڻي ولايت مان واپس پاڪستان پهتي تہ لاهور جي شهر ۾ ماڻهن جا ايترا تہ هشام

اچي گڏ ٿيا، جو دنيا جي سمورين اخبارن لکيو ته ههڙو آدرياءُ شايد دنيا ۾ ڪنهن به هنڌ، ڪنهن به اڳواڻ جو نه ٿيو هو. اهو فقط جناب ڀٽي جي نالي جو جادو هو، سندس خاندان جي قربانين جو ثمر هو، جو پاڪستان جو عوام اها صلاحيت حاصل ڪري ويو ته چا به ٿي پوي، آمريت کي برداشت نه ڪبو!

۽ ايئن ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي زندگيءَ ۾، توڙي پنهنجي شهادت سان، هڪ دائمي پيغام ڏيئي ڇڏيو ته ملڪ جي قسمت ان جي عوام جي هٿ ۾ آهي، ۽ جيڪو به ماڻهو عوام جي ڏک سور، تڪليفن ۽ عذابن ۾ شريڪ ٿيندو ۽ ان کي پنهنجو سمجهندو، سوئي عزت لائق ٿيندو. ۽ اها آهي سچي ڪهاڻي: سنڌ جي ان سپوت جي جنهن سر ڏيئي، سنڌ جو مان مٿانهون ڪيو، جنهن رت ڏيئي هڪڙي راهه روشن ڪئي، جنهن تي هلي مسڪين ماروئن جي مدد سان سندس نياڻي محترمه بي نظير ڀٽو اهو ثابت ڪيو آهي ته جناب ڀٽي جيڪو ڏگ قائم ڪيو، ان تي هلي پاڪستان اڃا به دنيا ۾ پنهنجي اهميت، حيثيت ۽ انفراديت مڃائي سگهي ٿو ته پاڪستان فقط جمهوريت ۽ پاڪستان ۾ وسندڙ قومن جي حوالي سان هڪ باوقار ملڪ طور زنده رهي سگهي ٿو!

عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن گهڻو

(شاهه)

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# سنڌ جا سپوت

١. شاهه عبداللطيف ڀٽائي

٢. سچل سرمست

٣. شاهه عنايت شهيد

٤. مرزا قليچ بيگ

٥. جنرل هوش محمد شيدي

٦. دولهه دريا خان

٧. مخدوم بلاول

٨. حيدر بخش جتوئي

٩. مولانا عبيدالله سنڌي

١٠. دين محمد وفائي

١١. علامه آءِ- آءِ- قاضي

١٢. قائد اعظم محمد علي جناح

١٣. علامه عمر بن محمد دائود پوٽو

١٤. پير حسام الدين شاهه راشدي

١٥. ذوالفقار علي ڀٽو

Gul Hayat Institute